روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد: 11 | اربع 28 ڊسمبر 2022ع بمطابق 04 جمادي الثاني 1444ھ | شمارو 75 | قيمت 10 روپيا

27 ڊسمبر شهيد بينظير ڀٽو جي شهادت جو نه وسارڻ جوڳو ڏينهن آهي: وزيراعظم

شهيد بينظير ڀٽو جمهوري ۽ سياسي جدوجهد جي روشن علامت آهي، بينظير عوام جي حقن لاءِ شهادت ماڻي: ميان محمد شهباز شريف

اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم بينظير ڀٽو جي سموري عمر جدوجهد جي نه وسرڻ جوڳي داستان آهي: ن ليگ جو صدر

عوام لاءِ بينظير ڀٽو جي تاريخي خدمتن تي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا، آئين جي بالادستي ۽ آمريت خلاف سنڌس بي خوف تحريڪ سنهري باب آهي

شهيد بينظير ڀٽو دهشتگردي خلاف جرئتمندانو ۽ جٽو موقف اختيار ڪيو، ادارن جي مضبوطي ۽ سماجي ڀلائي لاءِ هن بي مثال خدمتون سرانجام ڏنيون

اڳوڻي صدر آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو سميت سنڌس گهر ڀاتين ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي سمورن چاهيندڙن سان تعزيت ڪريون ٿا

عورت وزيراعظم بينظير ڀٽو جي سموري جمار تاريخ ساز جدوجهد ۾ گذري، ملڪ عوام ۽ جمهوريت لاءِ بينظير ڀٽو جون تاريخي خدمتون وسارڻ جوڳيون نه آهن

اسلام آباد (م د) وزيراعظم ميان شهباز شريف چيو آهي ته شهيد بينظير ڀٽو جمهوري ۽ سياسي جدوجهد جي روشن علامت آهي. بينظير عوام جي حقن لاءِ شهادت ماڻي، 27 ڊسمبر 2007 جو ڏينهن عوام جي محبوب اڳواڻ جي شهادت جو نه وسارڻ جوڳو ڏينهن آهي. ... اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم شهيد بينظير ڀٽو جي سموري عمر جدوجهد جي نه وسرڻ جوڳي داستان آهي، ملڪ، عوام ۽ جمهوريت جي ... بينظير ڀٽو جي تاريخي خدمتن تي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

سياست ۾ مداخلت کان فوج جي توبهه، جمهوريت جو انتقام ۽ جيالن جي فتح آهي: بلاول

صدر زرداري جي حڪمت سبب پرويز مشرف جهڙي آمر ۽ سندس باقيات سليڪٽيڊ عمران خان کي ايئن اقتدار مان ٻاهر اڇلايو جيئن کير مان مک کي ٻاهر اڇلايو آهي

عمران ريڊيڊي معيشت تي خودڪش حملو ڪيو ۽ ملڪ کي ڊيوالئي جي ڪنڌي تي پهچايو جڏهن ته فوج جي سپهه سالار سياست ۾ مداخلت نه ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي عمران جهڙا سياستدان ٻار کي يتيم سمجهن ٿا

عمران توهان عمر ۾ صدر زرداري کي جيل ۾ وڌو، عيد رات اسپتال مان ادي فريال کي جيل موڪليو، اسين تو سان ايئن نه ڪنداسين، اچو واپس پارليامينٽ ۽ قانونسازي ڪريون

جيڪڏهن پنهنجي انا ۽ ضد اوهان نه ڇڏي ۽ تخريبي سياست جاري رکي ته پوءِ ياد رکجان اسين توکي بچائي نه سگهنداسين

عمران کي اقتدار مان جيالن ڪڍيو ۽ هو الزام صدر جو بائيڊن تي هڻي ٿو ۽ وائيٽ هائوس تي سازش جو الزام ٿو هڻي، مان توتوکي ٻڌايان ته اها سازش بلاول هائوس ۾ ٿي هئي اسان اعلان ڪري توکي پارليامينٽ مان آئيني ۽ جمهوري طريقي سان ٻاهر اڇلايو

سياست ۾ نوجوانن کي اڳتي اچڻ گهرجي، ايندڙ وقت اسانجو آهي ۽ اسين شهيد بي بي جو رهيل مشن مڪمل ڪنداسين. اوهان ساٿ ڏيو ايندڙ 15 سالن ۾ شهيد بي بي جو مشن مڪمل ڪنداسين

لاڙڪاڻو (رپورٽ شاھ محمد پٽو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سليڪٽيڊ سياستدانن کي ماضي جو داستان قرار ڏيندي چيو آهي ته ايندڙ وقت جيالن ۽ عوام جو آهي، اسان کي تمام گهڻو ڪم ڪرڻو آهي. ايندڙ 15 سالن دوران اسان کي ڪوڙ، ڪرپشن ۽ سليڪٽيڊ سياست کي هميشه لاءِ دفن ڪرڻو پوندو. گڙهي خدابخش ڀٽو ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي 15هين ورسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

لاڙڪاڻو: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ورسي تقريب کي خطاب ڪندي

ڪنوار جو يونيورسٽي ۾ مڙس سان برائيڊل فوٽوشوٽ، 3 ڄڻا معطل

لاهور (م د) لاهور جي تاريخي ڪنگ ايڊورڊ ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ برائيڊل فوٽو شوٽ ڪيس ۾ يونيورسٽي انتظاميا جاچ رپورٽ جاري ڪري ڇڏي آهي. لاهور جي ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ برائيڊل فوٽو شوٽ ڪرائڻ تي انتظاميا ٽن ملازمن کي معطل ڪري ڇڏيو. معطل ڪيل ملازمن ۾ سيڪيورٽي سپروائيزر، گارڊ ۽ ڊرائيور شامل آهن. جاچ ڪميٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان ازبڪستان مان آيل وفد ملاقات ڪندي

31 ڊسمبر تي ٿيندڙ مڪاني چونڊن جو شيڊول ملتوي

جماعت اسلامي طرفان ميان اسلم اليڪشن ڪميشن ۾ پيش ٿيو ٻڌڻي دوران چيف اليڪشن ڪمشنر پڇاڻو ڪير ته ڇا آدمشماري جي رپورٽ آئي آهي؟

اليڪشن ڪميشن کي آبادي ۾ اضافي جو معاملو ڏسڻ گهرجي، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ به آبادي ۾ اضافي کي مڃيو آهي: اشتر اوصاف

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي وفاقي حڪومت جو موقف ٻڌڻ جو چيو ۽ اليڪشن ڪميشن وفاقي حڪومت کي ٻڌڻ کان سواءِ فيصلو جاري ڪيو

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن طرفان 31 ڊسمبر تي ٿيندڙ مڪاني چونڊن جو شيڊول ملتوي ڪيو ويو آهي. اليڪشن ڪميشن جي 5 رڪني بينچ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي اسلام آباد جي مڪاني چونڊن بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جنهن سلسلي ۾ ايڊووڪيٽ جنرل جهانگير جدون، اڳوڻو اٽارني جنرل اشتر اوصاف، پي ٽي آءِ طرفان بابر اعوان ۽ علي نواز اعوان جڏهن ته جماعت اسلامي طرفان ميان اسلم اليڪشن ڪميشن ۾ پيش ٿيو ٻڌڻي دوران چيف اليڪشن ڪمشنر پڇاڻو ڪير ته ڇا آدمشماري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سمورين پارٽين ملي ڪري ملڪ کي بچائڻ چاهن ٿيون: شازيا عطا مري

عمران خان پنهنجي لالچ جي ڪري ملڪ کي ڊيفالٽ ڏانهن کڻي وڃڻ چاهي ٿو جيڪڏهن ان کي نه هٽايون هان ته سري لنڪا وانگر ڊيفالٽ ٿي وڃون ها

پي ٽي آءِ کي استيعفا کان ڪنهن روڪيو آهي، شهيد بينظير ڀٽو کي جان جو خطرو هيو پر هو پاڪستان آئي اڄ پاڪستان پيپلزپارٽي لاءِ وڏي سانحي جو ڏينهن آهي

سياست ڪنڊن جي سيج آهي، پي ٽي آءِ جي ميمبر استعفائون ڏئي اسپيڪر جي پيرين پوندا آهن ته انهن جي مراعاتون ۽ پگهار بند نه ڪئي وڃي

سکر (رپورٽ يار محمد سومرو) وفاقي وزير شازيه عطا مري سکر ائيرپورٽ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سمورين پارٽين ملي ڪري ملڪ کي بچائڻ چاهين ٿيون ۽ واحد پي ٽي آءِ ملڪ کي ڪمزور ڪرڻ گهري ٿي عمران خان کي هيلي ڪاپٽر ۾ گهمڻ جو شوق ٿي ويو آهي عمران خان پنهنجي لالچ جي ڪري ملڪ کي ڊيفالٽ ڏانهن کڻي وڃڻ چاهي ٿو جيڪڏهن ان کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پي ٽي آءِ استعيفائن جي تصديق لاءِ قومي اسيمبلي وڃڻ جو پلان هڪ دفعو ٻيهر ملتوي ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف استعيفائن جي تصديق لاءِ قومي اسيمبلي وڃڻ جو پلان هڪ دفعو ٻيهر ملتوي ڪري ڇڏيو. رپورٽ موجب تحريڪ انصاف جي قومي اسيمبلي ميمبرن جي تصديق جو معاملو هڪ دفعو ٻيهر التوا جو شڪار ٿي ويو اهو فيصلو قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جي غير موجودگي سبب ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب پي ٽي آءِ جا ميمبر سيائي خيبرپختونخواه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سکر: وفاقي وزير شازيه عطا مري سکر ايئرپورٽ تي صحافين سان ڳالهائيندي

ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ دهشتگرد حملن جو خطرو

پابندي مڙهيل تنظيمون صوبي جي 3 وڏن شهرن ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ وڏي دهشتگرد ڪاررواين جو منصوبو جوڙي ڇڏيو آهي

انهن سنڌ جي ٽنهي وڏن شهرن ۾ دهشتگرد حملن جي رٿا بندي ڪئي آهي، مذڪوره تنظيمن دهشتگردن کي هٿيار ۽ ڌماڪيدار مواد به ورهائي ڇڏيو آهي

برهمداغ بگٽي جو سالو شجاع بگٽي ڪراچي جي ضلعي جنوبي ۾ رهائش پذير آهي ۽ ڪراچي يونيورسٽي ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي گهرو کاتي آءِ جي پوليس ۽ ڊي جي رينجرز کي آگاهه ڪيو آهي ته 3 پابندي مڙهيل تنظيمون صوبي جي 3 وڏن شهرن ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ وڏي دهشتگرد ڪاررواين جو منصوبو جوڙي ڇڏيو آهي ان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

جج کهڙي قانون جي تحت انتظامي معاملن ۾ مداخلت ڪن پيا: فواد چوڌري

جج صاحبن کي 5 سالن لاءِ لا اسڪول ڏانهن موڪلڻ گهرجي ته جيئن هو قانون پڙهي سگهن: اڳوڻو وفاقي وزير

اڳ لاهور هاءِ ڪورٽ چيو ته 10 وڳي هوٽلون بند ڪري ڇڏيون، هاڻ هي اسڪول جي موڪلن جو فيصلو ڪري رهيا آهن

آخر کهڙي قانون جي تحت جج انتظامي معاملن ۾ پنهنجي راءِ کي قانوني قرار ڏئي سگهن ٿا: پي ٽي اڳواڻ

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري چيو آهي ته جج کهڙي قانون جي تحت انتظامي معاملن ۾ مداخلت ڪري رهيا آهن. جج صاحبن کي 5 سالن لاءِ لا اسڪول ڏانهن موڪلڻ گهرجي ته جيئن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسٽيٽ بئنڪ پاران 30 ۽ 31 ڊسمبر لاءِ بئنڪاري جا ڪلاڪ وڌائڻ جو اعلان

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جو چوڻ آهي ته سرڪاري ڊيوٽي، ٽيڪس ۽ ٻين وصولين ۾ مدد لاءِ بئنڪنگ جا ڪلاڪ وڌايو ويندو. اسٽيٽ بئنڪ طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب اسٽيٽ بئنڪ جون آفيسون ۽ نيشنل بئنڪ جون بااختيار برانچون 30 ڊسمبر جي رات 8 وڳي تائين کليل رهنديون. اسٽيٽ بئنڪ جو چوڻ آهي ته 31 ڊسمبر تي اسٽيٽ بئنڪ جون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

لاهور: پاڪستان تحريڪ انصاف جو اڳواڻ فواد چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي

بينظير ڀٽو جي مشن جي حوالي سان ننڊ ۾ به غفلت نه ٿو ڪري سگهان: آصف زرداري

سياست ۾ شهيد بينظير ڀٽو منهنجي رهنمائي ڪئي، بينظير ڀٽو جي مشن جي حوالي سان ننڊ ۾ به غفلت نه ٿو ڪري سگهان

هاڻي سنڌس فلسفو منهنجي رهنمائي ڪري رهيو آهي آئين ۽ جمهوريت خاطر بينظير ڀٽو جن ڏکيائين کي منهن ڏنو اڄ تائين ڪنهن ٻئي ناهي ڏنو

ڪراچي (م د) اڳوڻي صدر آصف زرداري چيو آهي ته بينظير ڀٽو جي مشن جي حوالي سان ننڊ ۾ به غفلت نه ٿو ڪري سگهان. سياست ۾ شهيد بينظير ڀٽو منهنجي رهنمائي ڪئي، هاڻي سنڌس فلسفو منهنجي رهنمائي ڪري رهيو آهي اڳوڻي صدر آصف زرداري شهيد بينظير ڀٽو جي 15 هين ورسي جي موقعي تي پيغام جاري ڪندي چيو آهي ته آئين ۽ جمهوريت خاطر بينظير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

شهيد محترمه جو مشن مڪمل ڪرڻ لاءِ عوام بلاول زرداري جا هٿ مضبوط ڪري: فريال ٽالپر

شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو آئين، جمهوريت ۽ انساني آزادي بابت فلسفو ۽ جدوجهد مشعل راهه آهي، شهيد محترمه جو مشن مڪمل ڪرڻ لاءِ عوام بلاول ڀٽو زرداري جا هٿ مضبوط ڪري

هوءَ پاڪستاني عورتن لاءِ رول ماڊل آهي، قوم سندس جدوجهد ۽ قربانين کي ڪڏهن نه وساريندي، مذهب، رنگ ۽ نسل سان گڏوگڏ هر قسم جي فرق جو خاتمو شهيد بينظير ڀٽو جو مشن هو

هر پاڪستاني لاءِ برابر حق ۽ موقعا به سندس مشن هو، شهيد بينظير ڀٽو عورتن کي خودمختيار بڻائڻ ۽ کين هر سطح تي پيش مسئلن جي حل لاءِ انقلابي قدم کنيا

ڪراچي (م د) پ پ ايم پي اي فريال ٽالپر چيو آهي ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو آئين، جمهوريت ۽ انساني آزادي بابت فلسفو ۽ جدوجهد مشعل راهه آهي. شهيد محترمه جو مشن مڪمل ڪرڻ لاءِ عوام بلاول ڀٽو زرداري جا هٿ مضبوط ڪري. شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ فريال ٽالپر چيو ته هوءَ پاڪستاني عورتن لاءِ رول ماڊل آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ملڪ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ گيس جو بحران جاري

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي، لاهور، گوجرانوالا، بهاولنگر ۽ ميرپورخاص سميت ملڪ جي مختلف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

طارق جميل کي دل جو دورو پئجي ويو، اسپتال منتقل

اوٽاوا (م د) مشهور عالم دين مولانا طارق جميل کي ڪينيڊا ۾ دل جو دورو پئجي ويو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسلام آباد: ق ليگ سربراهه چوڌري شجاعت آمريڪا جي واپاري کي شيلڊ ڏيندي

خدا پاڪ عمران خان کي زندگي ڏني نه ته هن اونداهي باب ۾ واڌ جو پورو منصوبو هو: اسد عمر

27 ڊسمبر 2007 پاڪستان جي تاريخ جو هڪ اونداهو ڏينهن هو، بدقسمتي سان مقبول عوامي ليڊرن کي قتل ڪري رستي تان هٽايو ويو

لياقت علي خان کان وٺي بينظير تائين اهو سلسلو جاري رهيو آهي، الله پاڪ عمران خان کي زندگي ڏني نه ته ان اونداهي باب ۾ واڌ جو مڪمل منصوبو هو

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف اڳواڻ اسد عمر چيو آهي ته خدا پاڪ عمران خان کي زندگي ڏني نه ته هن اونداهي باب ۾ واڌ جو پورو منصوبو هو. اسد عمر شهيد بينظير ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي ٽوئيٽر تي بيان جاري ڪيو هن چيو ته 27 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

جمهوريت جي بقا جي لاءِ شهيد راڻي جون لازوال قربانيون جلوجهد آهي: سسئي پليجو

اڄ اسين محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي تي اسين کيس خراج تحسين پيش ڪيون ٿا. شهيد راڻي بينظير ڀٽو جان جو نذرانو ڏئي ملڪ ۽ قوم کي استحڪام ڏنو

بينظير شهيد جمهوريت جي ان بوٽي کي واڌ ويجهه ڪئي، جنهن جي آبياري شهيد ڀٽو پنهنجي رت جو ريج ڏئي ڪئي، شهيد بينظير ڀٽو نه رڳو پاڪستان ۾ دنيا جي مظلومن جو آواز بڻي

پنهنجي جرئت ۽ همت ذريعي آمريت کي للڪاريو شهيد راڻي خوبصورتي ڏاهپ جرئت جو حسين مثال هئي، بينظير ماڻهن جي حقن جي پاسداري ڪئي

ڳڙهي خدا بخش (رپورٽر) پ پ سينيٽر سسئي پليجو شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ لٽو سجاول سميت مختلف ضلعن جي جيالن جي ڪئمپن جو دورو ڪيو ڪارڪنن سان ملاقات ڪئي ڪارڪنن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

جاپان ۾ سخت برفباري سبب 17 ڄڻا فوت

ٽوڪيو (م د) جاپان ۾ سخت برفباري سبب 17 ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا آهن جڏهن ته مختلف واقعن ۾ ڪيئي شهري زخمي ٿي پيا آهن. پرڏيهي خابرو اداري موجب اڄڪلهه جاپان جي اترين علائقن ۾ سخت برفباري جو سلسلو جاري آهي ۽ ڪرسمس جي موڪلن دوران ملڪ جي ڪيئي حصن ۾ تمام گهڻي برفباري رڪارڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سکر: پ پ سينيٽر سسئي پليجو ڳڙهي خدا بخش وڃڻ کان اڳ صحافين سان ڳالهائيندي

شهيد بينظير ڀٽو مون کي ياءُ سڏيندي هئي: ڪامران ٽيسوري

ملڪ لاءِ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جون خدمتون سدائين ياد رکيون وينديون

بينظير جمهوريت کي هٿي ڏيڻ ۽ استحڪام لاءِ وڏيون خدمتون انجام ڏنيون

ڪراچي (م د) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري چيو آهي ته ملڪ لاءِ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جون خدمتون سدائين ياد رکيون وينديون. اڳوڻي وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اي اين ايف افغانين وٽان وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪري ورتي

طورخم بارڊر ذريعي پاڪستان پهچندڙ 9 افغان شهرين جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪئي وئي

جوابدار حيدر خان، عصمت الله ۽ سندس ساٿين کي گرفتار ڪري قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي

ڪراچي (م د) اينٽي نارڪوٽڪس فورس پاڪستان پهچي 9 افغان شهرين جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ هيروئن آئس ۽ ٻيو منشيات هٿ ڪري ورتي. اينٽي نارڪوٽڪس فورس جي ترجمان موجب اي اين ايف ۽ ايف سي گڏيل ڪارروائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

لاهور: پيپلز پارٽي جو سينيئر اڳواڻ اعتزاز احسن پريس ڪانفرنس ڪندي

اسلام آباد ۾ دهشتگردي جي خطري سبب سيڪيورٽي انتظام سخت

ريڊ زون جي داخلي رستن جي سيف سٽي ڪيمرائن سان رڪارڊنگ ڪئي ويندي: پوليس

گاڏين تي ايڪسائيز آفيس مان جاري ٿيل نمبر پليٽ استعمال ڪئي وڃي: پوليس جي هدايت

اسلام آباد (م د) وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ سيڪيورٽي صورتحال کي نظر ۾ رکندي 25 مختلف هنڌن تي عارضي چيڪ پوسٽون قائم ڪيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي: سون جي قيمت ۾ هزارين رپيا واڌ

اڄ سون جي قيمت ۾ هزارين رپيا واڌ ٿي آهي: سنڌ سونارا بازار ايسوسيئيشن

جنهن ڪانپوءِ ان جي قيمت هڪ لک 82 هزار 500 رپيا ٿي وئي آهي

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ سون جو اگهه وڌڻ جو سلسلو جاري آهي ۽ اڄ سون جي قيمت ۾ هزارين رپيا واڌ ٿي آهي. سنڌ سونارا بازار ايسوسيئيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پاڪستاني سرڪاري نوڪرين لاءِ آن لائن اپلاءِ ڪرڻ جو سولو حل

هن پورٽل تي گهڻو ڪري بغير چالان واريون آڇون ڪيون وينديون آهن

درخواست لاءِ هڪ پيرو پروفائل ناهي اڻ ڳڻيون درخواستون ڏئي سگهن ٿا

ڪراچي (م د) وفاقي سرڪار پاران نوڪرين لاءِ آن لائن اپلاءِ ڪرڻ جو طريقيڪار متعارف ڪرايو ويو هو جيڪو هن وقت به ڪم ڪري رهيو آهي. نيشنل جابس پورٽل جي نالي سان ويب پورٽل اين آءِ ٽي بي طرفان تيار ڪيو ويو آهي جنهن تي سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: جماعت اسلامي ڪراچي جو امير حافظ نعيم الرحمان اداره نور حق ۾ پريس ڪانفرنس

آبي جيوت جي بدترين نسل ڪشي: بندش باوجود بولو گهو جار استعمال ٿيڻ جو انڪشاف

بلوچستان ۾ رجسٽريشن جا اختيار صوبائي حڪومت وٽ آهن پر سنڌ ۾ رفاق جي مداخلت آهي

سرڪاري ڪامورا رشوت عيوض روزانو ڪيترن ئي هوڙن جي رجسٽريشن ڪري رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سامونڊي پٽيءَ ۾ آبي جيوت جي بدترين نسل ڪشي جو انڪشاف ٿيو آهي. پابندي باوجود بولو گهو جار جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي ۾ ڦرواقعن دوران تشدد ۽ فائرنگ ۾ 2 مبينا ڦورو مارجي ويا

رابعه سٽي ۾ به ڦر جي مبينا واقعي دوران شهريءَ جي فائرنگ ۾ زبير نالي هڪ جوابدار مارجي ويو

فائرنگ ۾ واٽهڙو عامر زخمي ٿي پيو، پوليس پهچي لاش تحويل ۾ ورتو: پوليس جي رپورٽ

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ڦر جي واقعن دوران مبينا طور 2 جوابدار مارجي ويا. ڪراچي جي اورنگي ٽائون ۾ ڦر جي ڪوشش دوران شهرين / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

قومي سلامتي کي زرداري جي سياسي نابالغ پٽ جي رحم ڪرم تي ڇڏڻ مجرمانه بيوقوفي آهي: عمران خان

عمران خان جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو، ميمبرن جي استعيفائن جي تصديق جي اعلان ڪانپوءِ اسپيڪر جي ٻاهرين ملڪ دوري تي روانگي جي مذمت ڪئي وئي

اسپيڪر جي ڪردار ۽ حڪومت سان ملي ڀڳت کي پارليامينٽ جي توهين قرار ڏنو ويو، چورن کي اين آر او جو تحفظ ڇڏي چونڊن جو اعلان ڪرڻ گهرجي

عوامي مينڊيٽ رکندڙ حڪومت ئي معيشت سنڀالڻ جي اهل هوندي، قوم سوال پڇي رهي آهي ته معيشت جي تباهي ڪانپوءِ ڪنهن جي اشارن تي داخلي انتشار کي هوا ڏني پئي وڃي؟

لاهور (م د) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان چيو آهي ته قومي سلامتي کي زرداري جي سياسي نابالغ پٽ جي رحم ڪرم تي ڇڏڻ مجرمانه بيوقوفي آهي. عمران خان جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ ميمبرن جي استعيفائن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پيپلز پارٽي ملڪ کي ڪڏهن به ڊيفالٽ ٿيڻ نه ڏيندي: رضا رباني

مودي جي خلاف بلاول ڀٽو زرداري واري پريس بيان کي پوري ملڪ ۾ اهميت ملي آهي ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ڀارت ۾ مسلم اقليتن کي قتل عام جي پاليسي اپنائي آهي

آءِ ايم ايف جي شرطن جي ڪا ٿئين ڳالهه ناهي ڪئي، بين الاقوامي مالياتي سامراج ترقي ڪندڙ ملڪن کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان پنهنجو غلام بڻائي پنهنجا مقصد حاصل ڪيا آهن

جيڪڏهن محترمه بي نظير ڀٽو شهيد نه ٿي ها ته اڄ ملڪ جي صورتحال اهڙي نه هجي ها بينظير ڀٽو سڀني طبقن کي گڏ ڪئي هلي ها ۽ اسان به سڀني کي گڏجي هلڻ جي ڪوشش ڪئي

سکر (چيف رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي مرڪزي اڳواڻ اڳوڻو چيئرمين سينيٽ رضا رباني چيو آهي ته پيپلز پارٽي ملڪ کي ڪڏهن به ڊيفالٽ ٿيڻ نه ڏيندي ايندڙ اليڪشن ۾ اڪيلي سر وڙهندا سون يا پي ڊي ايم سان اتحاد ۾ جو فيصلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اينٽي ڪرپشن پنجاب ليگي قومي اسيمبلي ميمبر چوڌري اشرف کي گرفتار ڪري ورتو

لاهور (م د) اينٽي ڪرپشن کاتي پنجاب مسلم ليگ (ن) جي قومي اسيمبلي ميمبر چوڌري محمد اشرف کي گرفتار ڪري ورتو ساهيوال جي تڪ 161 مان مسلم ليگ (ن) جي ٽڪيٽ تان چونڊيل قومي اسيمبلي ميمبر چوڌري محمد اشرف تي 157 ايڪڙ 1 ڪنال 16 مرلا سرڪاري زمين جعلسازي ذريعي محمد سليم پٽيواري ۽ رياست علي گرداور سان ملي پنهنجي قبضي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سکر: پ پ اڳواڻ رضا رباني سکر ايئرپورٽ تي صحافين سان ڳالهائيندي

اسٽيبلشمينٽ، عدليا ۽ بيورو ڪريسي سميت سموري اشرافيا مسئلن جي ذميوار آهي: خواجا آصف

سيمينار ميثاق جمهوريت کي ميثاق معيشت تائين واڌ ڏيڻ ۽ ڪشميرين کي گڏيل قومن جي ٺهرائن موجب حق ڏيڻ جا ٺهراءُ به منظور ڪيا ويا

تنهن ڪري اسان بليڪ ميلنگ ٿي ڪنهن به صورت ۾ چونڊون نه ڪرائينداسين، پي ٽي آءِ وارن جون استعيفائون قبول ڪرڻ گهرجن

عمران خان جي وفاداري رڳو پئسي تائين محدود آهي، ملڪ کي ڏيوالي جي ويجهو آڻڻ تي عمران خان ۽ ڪيس آٽينڊز کان به پڇڻ گهرجي

لاهور (م د) بجاءِ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته اسٽيبلشمينٽ، عدليا ۽ بيورو ڪريسي سميت سموري اشرافيا موجوده ملڪي مسئلن جي ذميوار آهي. لاهور ۾ خواجا رفيق شهيد جي ورسي تي سيمينار ٿيو، جنهن ۾ ميثاق جمهوريت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

چوڌري شجاعت جو عمران خان کي اسيمبلي ۾ واپس اچڻ جو مشورو

ملڪ ۾ سياسي ۽ معاشي استحڪام اٽر آهي ۽ ايندڙ عام چونڊون مقرر وقت تي ٿيڻ گهرجن: ق ليگ جو سربراهه چوڌري شجاعت حسين

عمران خان سميت سڀني کي اسيمبلي ۾ واپس اچڻ گهرجي، جو ته عوام کين چونڊجي موڪليو آهي، هو ڏسي رهيا آهن ته اسان جا نمائندا ڇا ڪري رهيا آهن

جيڪڏهن هي وقت گذري ويو ته پوءِ ڪنهن جي هٿ نه ايندو، اسان سڀ ملڪ لاءِ ڪم ڪنداسين ته بچي وينداسين، اسان گڏ نه ٿياسين ته تباهي ٿيندي

اسلام آباد (م د) ق ليگ صدر چوڌري شجاعت حسين چيو آهي ته ايندڙ عام چونڊون مقرر وقت تي ٿيڻ گهرجن. چوڌري شجاعت حسين پاڪستان آيل آمريڪي ڪاروباري شخصيت نويد انور چوڌري جي مان ۾ مانجهاندو ڏنو. جنهن ۾ وفاقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سموگ سبب تعليمي ادارن ۾ موڪلون وڌائڻ جو حڪم

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ سموگ سبب اسڪولن ۽ ڪاليجن جون موڪلون وڌائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ سموگ جي تدارڪ لاءِ داخل درخواستن تي ٻڌڻي ٿي، جنهن دوران عدالت لاهور ۾ اسڪولن ۽ ڪاليجن کي وڌيڪ 7 ڏينهن بند رکڻ جي هدايت ڪئي. عدالتي حڪم ۾ لاهور ۾ 2 جنوري تائين ٿيندڙ موڪلن ڪانپوءِ انهن ۾ هڪ هفتو واڌ جو چيو ويو آهي. عدالت چيو ته سموگ سبب موڪلون وڌايون وڃن. سموگ جي روڪٿام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري کي دائود بوهره جماعت جي روحاني پيشوا سيدنا مفضل سيف الدين سان ملاقات ڪندي

ايس ايس پي نوشهروفيروز جي هدايتن تي پوليس پاران ڪارروايون، منشيات هٿ، جوابدار گرفتار

سي آءِ اي انچارج يار محمد رند پوليس اسٽاف سان گڏ ڳجهي اطلاع تي نوشهروفيروز ۾ پوليس ڇاپا هنيا

پوليس موٽرسائيڪل هٿ ڪرڻ بعد نوشهروفيروز سٽي ٿاڻي تي مين پڙي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو

13 رائونڊ هٿ ڪرڻ بعد، حڪومت جي فرياد تي سنڌ آرمس ايڪٽ تحت ٻه الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا: پوليس

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ايس ايس پي نوشهرو فيروز عبدالقيوم پتافي جي خاص هدايتن تي منشيات فروش ۽ ٻين ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري آهن، سي آءِ اي انچارج يار محمد رند پوليس اسٽاف سان گڏ ڳجهي اطلاع تي نوشهروفيروز/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: پوليس جي ڪارروائي ۾ گرفتار جوابدار تحويل ۾ نظر اچي رهيا آهن

سلطانپور پريس ڪلب ٻاهران

سياسي سماجي اڳواڻن پاران

بدامني خلاف احتجاج

سلطانپور (رپورٽر) سلطانپور پريس ڪلب ٻاهران سياسي سماجي اڳواڻن پاران ايڊوڪيٽ عابد جوڻيجو جي اڳواڻي ۾ ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين ايڊوڪيٽ نعمت الله سمائر، جادل منگي، حافظ اميرالدين، عتيق الرحمان ملڪ، نورالاهي جوڻيجو، قدير انڙ ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

گلزار هجري اسڪيم 33 جي سيڪٽر 47 ۾ ماڻهن سان فراڊ ڪيو پيو وڃي: آغا شاهه زمان

اصل ۾ اتي افغانين کي فرنٽ مين طور استعمال ڪري ڪين پلاٽ توڙي رقمون اڇيو ويون آهن

حنيف سومرو، محبوب عباسي، ياسين پٺاڻ، نواب پٺاڻ، راڻو عباسي ۽ ٻين خلاف ڪيس داخل ڪرايو ويو

دڙي ۾ تحريڪ لبيڪ جو پاور شو، چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ لاءِ مهم شروع

ٽي ايل پي سنڌ جي ناظم اعلي صوفي يحيٰ خان، عبدالستار مروت ۽ ٻين پاران شرڪت

عبدالستار مروت، بابو جمن کٽي، اختر ڪچي، حافظ اعجاز سومرو سميت ٻيا اڳواڻ شريڪ ٿيا

مولانا منظور لغاري، حافظ مير مرتضيٰ ڀارڻ، بابو غلام مصطفيٰ ڪچي، نياز بڪ جو خطاب

دڙو: تحريڪ لبيڪ جو صوبائي اڳواڻ يحيٰ خان خطاب ڪندي

خيرپور جي سينيئر صحافي دين

محمد ڪلهوڙو جي وفات تي

تعزيت جو سلسلو

خيرپور (د ر) خيرپور جي سينيئر صحافي دين محمد ڪلهوڙو جي وفات تي سندس وارثن شاهنواز ڪلهوڙو ۽ ٻين سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته ناليواري اديب شاعر ليکڪ ڪهاڻيڪار ۽ سول اسپتال خيرپور جو ايم ايس ڊاڪٽر اعجاز علي سمون، سماجي اڳواڻ بابو پٺاڻ، انجمن تاجران جي سنڌ جي نائب صدر مظهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

خيرپورناٿن شاهه ۾ سٽي پريس ڪلب جي 2023 جي چونڊ ٿي گذري

محمد اسلم شيخ ۽ جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي اياز ٻرڙو چونڊجي ويا

چونڊ ميمبرن اختر مشوري اسد علي جويو سالار شيخ جي نگراني ۾ ٿي

آفتاب نائچ گلن جي ورکا ڪئي، ۽ گلن جا هار پارايا ۽ ڍير سارين مبارڪون ڏنيون

خيرپورناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) خيرپورناٿن شاهه ۾ سٽي پريس ڪلب جي 2023 جي چونڊ ٿي گذري جنهن ۾ سٽي پريس ڪلب جي صدر جي عهدي تي محمد اسلم شيخ ۽ جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي اياز ٻرڙو چونڊجي ويا تفصيل موجب سال 2022 جي چونڊيل باڊي سٽي پريس ڪلب جي عهدن الوداع ڪيو جنهن بعد 2023 جي چونڊ ٿي رکئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊو محمد خان ۾ پ پ طرفان شهيد بينظير ڀٽو جي پورٽريٽ تي ڏيئا ٻاري پيٽا

پ پ ايم پي اي اعجاز حسين شاهه، پيپلزيوٿ جي ضلعي صدر سلال شاهه بخاري جي شرڪت

محمد جمن ڪيهر، يوٿ سٽي جي صدر عديل احمد ڀٽي، سپاف جي صدر تابش ڀٽي شريڪ ٿيا

بينظير کي خراج تحسين پيش ڪيو، شهيد بينظير ڀٽو جي قرباني ملڪ قوم لاءِ عظيم سانحو آهي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) پ پ طرفان ٽنڊو محمد خان ۾ شهيد بينظير ڀٽو جي پورٽريٽ تي ڏيئا ٻاري گل نڇاور ڪرڻ سان پيٽا ڏني وئي. پ پ ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري، پيپلز يوٿ جي ضلعي صدر سيد سلال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊو محمد خان: محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي اڳواڻ مزار تي دعا گهري رهيا آهن

سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي

شاهه ڊاڪٽر نصرالله بلوچ جي

رهائشگاهه پهتو

سکر (رپورٽر) سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه اڳوڻي ايم پي اي ڊاڪٽر نصرالله بلوچ جي رهائشگاهه پهتو وڏي وزير سان صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه، صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، ايم اين اي نعمان شيخ ايم پي اي سيد جاويد شاهه، سميت ٻيا اڳواڻ پڻ موجود سيد مراد علي شاهه ڊاڪٽر نصر الله بلوچ جي رهائشگاهه تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دولتپور صفن ۾ بهترين ڪلاسيڪل راڳي لعل بخش سولنگيءَ جي ٻي ورسي

لعل بخش سولنگيءَ جي ٻي ورسي تقريب منعقد ڪئي وئي، قرآن خواني ڪئي وئي

لعل بخش سولنگيءَ جي فرزند فقير شاهد حسين سولنگي ۽ ٻيو حافظ غلام جي شرڪت

هٿن سان شاگرديءَ جو ڳانو ٻڌرائڻ جي رسم ۾ ٻنهي شاگردن کي استاد شفيع فقير ڳانو ٻڌرايو ويو

دولتپور صفن (رپورٽر) دولتپور صفن ۾ سنڌ جي مشهور ۽ بهترين ڪلاسيڪل راڳي لعل بخش سولنگيءَ جي ٻي ورسي تقريب منعقد ڪئي وئي مرحوم کي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪئي وئي ۽ سندس مزار تي گلن جي چادر چاڙهي وئي ۽ مرحوم کي سندس تصوير اڳيان ميڻ بتيون ٻاري ڪيس ڀيٽا ڏئي پيش ڪيون جڏهن ته لعل بخش سولنگيءَ جي سندس فرزند فقير شاهد حسين سولنگي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز جي سول سرجن پاران عمري جي سعادت ماڻڻ کان اڳ ڊي جي هيلٿ سان ملاقات

ڊاڪٽر محمد جمن ٻاهوٽو سان سندس آفيس ۾ الوداعي ملاقات دوران اهم معاملن تي ڳالهيون ٿيون

سعادت نصيب وارن عطا ٿيندي آهي ۽ الله سائين گهر جي زيارت ڪرائيندو آهي جن حق ادا ڪيا هجن: ڊي سي

سچي زندگي پنهنجي زميواريءَ جو احساس ڪندي غريب مريضن توڙي عام انسانن سان ڀلائي ڪئي: خادم علي مگريو

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جو عمري جي سعادت ماڻڻ کان اڳ ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سروس سنڌ ڊاڪٽر محمد جمن ٻاهوٽو سان سندس آفيس ۾ الوداعي ملاقات، مختلف معاملات تي خيالن جي ڏي وٺ، ان موقعي تي DG هيلٿ ڪيس دعائن ۾ ياد ڪرڻ جي التماس ڪئي ۽ چيو ته اها سعادت نصيب وارن انسانن کي عطا ٿيندي آهي ۽ الله سائين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهروفيروز: ڊاڪٽر محمد جمن ٻاهوٽو سان اڳواڻ ملاقات ڪندي

سنڌ بلوچستان رائيس ملرس اينڊ

ٽريڊرس ايسوسيئيشن جي

اعلانيل احتجاج جو نوٽيس

لاڙڪاڻو (رپورٽر) سنڌ بلوچستان رائيس ملرس اينڊ ٽريڊرس ايسوسيئيشن جي اعلانيل واپڊا جي بل بند ڪرڻ خلاف احتجاج جو پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر ايم پي اي فريال ٽالپر نوٽيس وٺي ڇڏيو جنهن کان پوءِ سنڌ بلوچستان رائيس ملرس اينڊ ٽريڊرس ايسوسيئيشن جي مرڪزي اڳواڻ صدر حاجي قمر الدين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪنڊيارو ۾ جمعيت علماءِ طاهري پاڪستان جي گڏجاڻي ٿي گذري، اهم معاملن تي ڳالهيون

عهديدارن مولانا سائين حبيب الرحمان گبول طاهري مولانا سائين خالد حسين راڄپر طاهري شريڪ ٿيا

مولانا حافظ مير محمد طاهري صاحب آڊيٽر حافظ علي نواز منگي طاهري، عبدالغفار منگي شريڪ ٿيا

اطلاعات سيڪريٽري سائين سيد سڪندر علي شاهه طاهري کي 2023 جي سال جي لاءِ مقرر ڪيو ويو

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو ۾ جمعيت علماءِ طاهريه پاڪستان جي گڏجاڻي ٿي گذري جنهنجي ايجنڊا ضلعي عهديدارن جي سليڪشن هئي انهيءَ گڏجاڻي ۾ صوبائي عهديدارن مولانا سائين حبيب الرحمان گبول طاهري مولانا سائين خالد حسين راڄپر طاهري ۽ وفا نظير احمد شر طاهري جن جي نگراني ۾ ضلع نوشهروفيروز جي باڊي جي سليڪشن ٿي گذري جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

پ ٽ الف جي اڳوڻي مرڪزي صدر شفيع محمد سنيو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي ويندي

پرائمري استادن جي حقن جي حاصلات لاءِ پريس ڪلب ڪراچي کان سي ايم هائوس تائين احتجاج جو اعلان

ٻين صوبن جيان استادن کي مقرري واري تاريخ کان پڻ ريگولر ڪيو وڃي، مسئلا حل نه ٿيا ته احتجاج وسيع ڪنداسين

لاڙڪاڻو (رپورٽر) پ ٽ الف جي اڳوڻي مرڪزي صدر حاجي شفيع محمد سنيو جي اڳواڻي ۾ پرائمري استادن جي حقن جي حاصلات لاءِ پريس ڪلب ڪراچي کان سي ايم هائوس تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ويندي. انهيءَ سلسلي ۾ پرائمري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

پرياسٽي جي ڳوٺ ابراهيم سولنگي واسي نينگر جو پتو نه پئجي سگهيو

وارثن شفيع محمد سولنگي علي حسن سولنگي-صدام حسين احتجاج ڪيو

شڪ آهي نينگر آزر پٽ شفيع بدفعلي جو نشانو بڻائڻ بعد قتل نه ڪيو ويو هجي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) پرياسٽي جي ڳوٺ ابراهيم سولنگي واسي نينگر جو ڏن ڪان پتو نه پئجي سگهيو وارثن شفيع محمد سولنگي علي حسن سولنگي صدام حسين سولنگي عبدالستار سولنگي امڙ مسمات صنم جو پريا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: گمشده نينگر جا وارث ڳولا ۾ مدد ڪرڻ جي اپيل ڪري رهيا آهن

ملڪ جي معاشي مسئلن جي ذميوار پي ٽي آءِ آهي: وفاقي وزير شيري رحمان

70 سالن جي 28 هزار ارب ڊالرن جا قرض ڪنيا پي ٽي آءِ 20 هزار ارب ڊالرن جا قرض ڪنيا

ملڪ ۾ سيڙپڪاري جي ضرورت آهي، هن وقت ساڍا 3 ڪروڙ ماڻهو برساتن کان متاثر آهن

سکر (رپورٽر) موسمياتي تبديلي واري وفاقي وزير شيري رحمان چيو آهي ته ملڪ جي معاشي مسئلن جي ذميوار پي ٽي آءِ آهي سکر ايئرپورٽ تي ڳڙهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوابشاهه مان بينظير ڀٽو جي 15 هين ورسي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ گاڏين جو قافلو پهتو

ضياءُ الحسن لنجار جي اڳواڻي ۾ لنجار هائوس تان سوين گاڏين جو قافلو پهچي ويو

محترمه بينظير ڀٽو جان جي پرواهه نه ڪندي عوام لاءِ شهادت جو جام پيتو: ضياءُ الحسن لنجار

نوابشاهه (رپورٽر) شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي 15 هين ورسي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ جيالن جي سوين گاڏين جو قافلو ڳڙهي خدا بخش روانو خبر موجب شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي 15 هين ورسي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ نوابشاهه مان پ پ ڊويزنل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

اسلام ڪوٽ ۾ گوڙانو ڊيم جي متاثر ڳوٺاڻن پاران زمين جو معاوضو نه ملڻ خلاف احتجاج

ڳوٺاڻي پنهون ميگهواڙ پاران ڊيم ايريا ۾ آيل سروي زمين جو معاوضو نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو

2016ع ۾ منهنجي سروي نمبر 81 تي قبضو ڪري ڊيم جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي: مظاهرين

اسلام ڪوٽ (رپورٽ: صادق بجير) اسلام ڪوٽ ۾ گوڙانو ڊيم جي متاثر ڳوٺاڻي پاران زمين جو معاوضو نه ملڻ خلاف احتجاج، خبر موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

اسلام ڪوٽ: زمين جو معاوضو نه ملڻ خلاف ڳوٺاڻو احتجاج ڪري رهيو آهي

ٽنڊو ڪوٽ ڪٽڪ جو اگهه بلند سطح تي پهچي ويو، في ڪلو 120 رپيا وڪرو

محڪمه فوڊ ميرپورخاص ۽ پرائس ڪنٽرول لسٽ ڪميٽيون غير فعال بڻيل آهي

رليف کان محروم اوپن مارڪيٽ ۽ نجي ذخيرو ڪندڙ منافعي خور واپارين جا جاوا

ٽنڊو ڪوٽ (رپورٽر) ٽنڊو ڪوٽ ڪٽڪ جو اٽو بلند سطح تي پهچي ويو سادو فلٽر اٽو به 120 رپيه غريب لاءِ هڪ ڪلو اٽو وٺڻ به مشڪل بڻجي ويو محڪمه فوڊ ميرپورخاص ۽ پرائس ڪنٽرول لسٽ ڪميٽيون غير فعال بڻيل ڪنهن به /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

بينظير ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي سڪندر علي راهپوٽو جي قيادت ۾ قافلو پهتو

اهم شخصيتن پاران ايم اين اي سڪندر علي راهپوٽو جو گلن سان شاندار استقبال ڪيو ويو

پيهر برادري جي نيڪ مردن نظام الدين پيهر راشد علي پيهر شاهد علي پيهر اسد علي پيهر استقبال ڪيو

دادو (ن سنڌيار) دادو شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي قومي اسيمبلي جي ميمبر ايم اين اي سردار سڪندر علي راهپوٽو جي ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ڏانهن روانگي مهل دادو جوهي موڙ وٽ پهچڻ تي دادو جي پيهر برادري سان تعلق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

دادو: بينظير ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي ڪارڪن ريلي ڪڍي رهيا آهن

خيرپور ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي حمايت ۾ عظيم الشان ريلي ڪڍي وئي

خيرپور شهر ۾ عظيم الشان ريلي ڪجهه منٽن واري ريلي 4 ڪلاڪن ۾ لسي گاهه پهتي

سول هاسپيٽل روڊ، ريلوي ڦاٽڪ ۽ ٻين هنڌن تي شاندار استقبال گلن جون پتيون نڇاور ڪيون ويون

خيرپور (رپورٽر) نواب علي وساڻ جو پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي حمايت ۾ اقوام متحده ۾ تاريخي خطاب ڪرڻ تي خيرپور شهر ۾ عظيم الشان ريلي ڪجهه منٽن واري ريلي 4 ڪلاڪن ۾ لسي گاهه پهتي ريلي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

راڻيپور ۾ بدامني، هڪ ڪئبن مان چوري، ٻئي کي ڪاٽ هڻي وئي

خيرپور لاڙڪاڻو روڊ تان فرمان علي سيال جي ڪئبن مان سگريٽ چوري ٿيا

دوڪاندار ضياءُ الله ڪهڙو جي دوڪان کي ڪاٽ هڻي فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور ۾ بدامني، هڪ ڪئبن مان چوري، ٻئي کي ڪاٽ، پوليس ننڊ ستل، رپورٽ موجب راڻيپور ۾ بدامني هڪ پيرو ٻيهر ڪر کنيو آهي، گذريل رات نامعلوم چور خيرپور لاڙڪاڻو روڊ تان فرمان علي سيال جي ڪئبن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪنڊيارو ۾ سيدالنساءُ العالمين فاطمه زهرا سلام الله عليه جي شهادت تي جلوس

فاطمه زهرا سلام ڍاهڙي تي شيعه جامع مسجد باقر علي شاهه مان جلوس ڪڍيو ويو

مجلس کي خطاب مولانا جعفر حسن شاهه ۽ پروفيسر ظريف منگريو سميت ٻين ڪيو

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو ۾ سيدالنساءُ العالمين فاطمه زهرا سلام الله عليه جي شهادت جي ڍاهڙي تي شيعه جامع مسجد باقر علي شاهه مان جلوس ڪڍيو ويو جيڪو شهر جي مختلف علائقن مان ٿيندو استار چوڪ پهتو جتي مجلس کي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڪنڊيارو: بي بي فاطمه زهرا سلام الله عليه جي شهادت جي حوالي سان علماءِ مجلس کي خطاب ڪندي

حضرت بيبي فاطمة الزهرا سلام الله عليها جي شهادت جي مناسبت سان ماتمي جلوس

يونٽ ڳوٺ مٺاخان مري طرفان مسجد نور مصطفي کان ٻارڙن جو ماتمي جلوس ڪڍيو ويو

ماتمي جلوس ۾ شامل ٻارڙا لبيڪ يا زهراسه لبيڪ يا مهدي جي صدا بلند ڪري رهيا هئا

پاڻ صه نياڻي جي گهر ايندا هئا ته دروازو کڙڪائي موڪل وٺي گهر جي اندر داخل ٿيندا هئا: اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) 3 جمادالثاني شهادت رسول خدا جي پياري نياڻي حضرت بيبي فاطمة الزهرا سلام الله عليها جي مناسبت سان شيعا علماء ڪائونسل يونٽ ڳوٺ مٺاخان مري طرفان مسجد نور مصطفي کان ٻارڙن جو ماتمي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوشهروفيروز: بيبي فاطمة الزهرا سلام الله عليها جي شهادت جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

پ پ اڳواڻن ۽ ضلعي انتظاميه

ميرپورخاص کي يتيم بڻائي ڇڏيو:

ممتاز علي شاهه

ميرپورخاص (رپورٽر) پ پ اڳواڻن ۽ ضلعي انتظاميه ميرپورخاص ضلعي جي ماڻهن کي يتيم بڻائي ڇڏيو آهي آبادگارن وٽ هاڻ ڪفن جا به پيسا ناهن رهيا ڪئي خاندان مهانگائي سبب بکون ڪاٽڻ تي مجبور بڻيل آهن اهڙو اظهار پي ٽي آئي جي اڳواڻ سيد ممتاز علي شاهه، ضلعي صدر آفتاب احمد قريشي ۽ آباد گار اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

پارٽيون ملي ڪري مُلڪ بچائڻ ۽ پي ٽي آءِ ڪمزور ڪرڻ چاهي ٿي: شازيه عطا مري

پي ٽي آءِ عمران خان کي هيلي ڪاپٽر تي گهمڻ جي عادت پئجي وئي آهي: شيري رحمان

اڄ جي ڏينهن پيپلز پارٽي لاءِ وڏو سانحو ٿيو، سياست ڪندن جي سيج آهي اسان نڀائي رهيا آهيون

گڙهي ياسين پريس ڪلب جي سال 2023 جي باڊيءَ چونڊ ٿي وئي

شفيق مهر صدر منتخب، سرپرست رانا خليل احمد راجپوت کي چونڊيو ويو

صدر زاهد حسين ميمڻ جي نگرانيءَ هيٺ سال 2023 جي چونڊ ٿي گذري

آفيس سيڪريٽري قادرداد مهر، ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ميمبر محبوب علي ديناري مقرر

گڙهي ياسين: پريس ڪلب جا نوان چونڊيل عهديدار گروپ فوٽو ڪيرائي رهيا آهن

سرهاڙي ۾ گهوٽڪي جو پريمي

جوڙو نيشنل پريس ڪلب پهچي

ويو، احتجاجي مظاهرو

سرهاڙي (رپورٽر) سرهاڙي گهوٽڪي ضلعي جو پريمي جوڙو نيشنل پريس ڪلب سرهاڙي پهچي ويو گهوٽڪي ضلعي جي رهواسڻ ناري زرينا بي بي ڌيءَ محمد شريف چاچڙ گهوٽڪي ضلعي جي ڳوٺ جهانپور شريف جي رهواسي عبدالرزاق چاچڙ رحيم يار خان جي عدالت سگهوري ۾ ڏيڍ سال اڳ پسند جي شادي ڪرڻ کان پوءِ تحفظ لاءِ نيشنل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

بينظير ڀٽو جي 15 هين ورسيءَ جي موقعي تي شڪارپور مان ڪارڪنن جو قافلو پهتو

امتياز شيخ شڪارپور هائوس تان ۽ پيو هائوس کان عابد حسين پيوجن جي اڳواڻيءَ ۾ قافلو پهتو

پيپلز پارٽيءَ سان مقابلو ڪري سگهي اليڪشن ۾ پي ٽي آءِ کي اميدوار به نه ملندا: امتياز احمد شيخ

بينظير ڀٽو جي قربانيءَ سبب ملڪ ۾ جمهوريت بحال آهي ۽ قيادت ڪوشش ڪري رهي آهي: عابد حسين

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي 15 هين ورسيءَ جي موقعي تي صوبائي وزير انرجي امتياز احمد شيخ جي اڳواڻيءَ ۾ شڪارپور هائوس تان سوين گاڏين جو قافلو ريليءَ جي صورت ۾ ڳڙهي خدابخش روانو ٿيو. ان موقعي تي صوبائي وزير انرجي امتياز احمد شيخ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مان شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو کي خراج عقيدت پيش ڪيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سيد شڪيل احمد کي ڊي ايم سي ايسٽ جو ايڊمنسٽريٽر مقرر ٿيڻ تي مبارڪباد

اڳوڻي صوبائي وزير انفارميشن ٽيڪنالاجي گلگت بلتستان حسين شاهه مبارڪون ڏنيون

سيد شڪيل احمد هڪ مڪمل اهل آفيسر آهي ۽ ايسٽ بهتري طرف وڌندو: حسين شاهه

سيد شڪيل احمد اڳوڻي آءِ ٽي واري وزير کي پليڪار ڪيو ۽ سندس اچڻ تي شڪريو ادا ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سيد شڪيل احمد کي ڊي ايم سي ايسٽ جو ايڊمنسٽريٽر مقرر ٿيڻ تي مبارڪباد پيش ڪندي ڪيس روايتي ٽوپي سوکڙي طور ڏني رپورٽ موجب اڳوڻي صوبائي وزير انفارميشن ٽيڪنالاجي گلگت بلتستان حسين شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪراچي: سيد شڪيل احمد کي ڊي ايم سي ايسٽ جو ايڊمنسٽريٽر مقرر ٿيڻ تي مبارڪباد

آءِ بي اي پاس اميدوارن جو

شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي

مزار اڳيان احتجاج

راڻيپور (رپورٽر) آءِ بي اي پاس اميدوارن جو شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي مزار اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي آءِ بي اي پاس اميدوارن هٿن ۾ بينر کڻي احتجاج ڪندي ڏانهيندي چيو آهي ته سچي سنڌ جي ايس اين اي اپڊيٽ ڪري ويٽنگ اميدوارن کي آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن. هنن چيو ته ڪيترن ئي ضلعن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

گسٽا جي مرڪزي اليڪشن ڪميشن جي شيڊول موجب شڪارپور ۾ اليڪشن ٿي گذري

آفتاب احمد مهر جي نگراني ۾ شڪارپور جي عهديدارن جي ٽن سالن جي لاءِ چونڊ ڪئي وئي

صدر منير آحمد ڀٽو نائب صدر فيض محمد ميمڻ نائب صدر في ميل عهديدار چونڊيا ويا

پريس سيڪريٽري آصف علي ڊکڻ آفيس سيڪريٽري سليم الله جوڻيجو اسلم ملاڻو منتخب ڪيا ويا

شڪارپور (رپورٽر) گسٽا جي مرڪزي اليڪشن ڪميشن جي ڏنل شيڊول موجب سڄي سنڌ جيئان اڄ شڪارپور ۾ به ضلع چيئرمين آفتاب احمد مهر جي نگراني ۾ ضلع شڪارپور جي عهديدارن جي ٽن سالن جي لاءِ چونڊ ڪئي وئي جنهن ۾ پهرئين پينل جا هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا جنهن ۾ صدر منير آحمد ڀٽو نائب صدر فيض محمد ميمڻ نائب صدر في ميل مس مقصود /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سلطانپور پريس ڪلب ٻاهران سياسي سماجي اڳواڻن پاران بدامني خلاف احتجاج

ايڊوڪيٽ عابد جوڻيجو جي اڳواڻي ۾ ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ بدامني خلاف مظاهرو ڪيو ويو

نعمت الله سمائر، جادل منگي، حافظ اميرالدين، عتيق الرحمان ملڪ، نورالاهي جوڻيجو شريڪ ٿيا

بد امني چوٽ چڙهي وئي آهي هڪ مهيني ۾ 15 کان وڌيڪ چوريون ٿي چڪيون آهن: مظاهرين

سلطانپور (رپورٽ: قربان علي مهر) سلطانپور پريس ڪلب ٻاهران سياسي سماجي اڳواڻن پاران ايڊوڪيٽ عابد جوڻيجو جي اڳواڻي ۾ ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين ايڊوڪيٽ نعمت الله سمائر، جادل منگي، حافظ اميرالدين، عتيق الرحمان ملڪ، نورالاهي جوڻيجو، قدير انڙ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گذريل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سلطانپور: وڌندڙ بدامني خلاف سياسي، سماجي اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌ جي ناليواري مشهور بزرگ

هستي حضرت مخدوم نيڪ محمد

جو 30 هون عرس

لاڙڪاڻو (رپورٽر) سنڌ جي ناليواري مشهور بزرگ هستي حضرت مخدوم نيڪ محمد هاشمي رحمت الله عليه جو ٽيهون هون عرس مبارڪ 31 ڊسمبر بروز ڇنڇر تي درگاهه حضرت مخدوم عبدالرحمان هاشمي رح وٽ ٿي رهيو آهي، جنهن جي صدارت مخدوم نديم احمد هاشمي ڪندا. جڏهن ته سنڌ جو ناليوارو مشهور عالم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سيوهڻ ۾ ناٿا فائونڊيشن ۽ شاهه بي بي هيلٿ ڪيئر سينٽر پاران ٽورنامينٽ جو فائنل

سيوهڻ پريميئر ليگ هارڊ بال ٽي 20 ٽورنامينٽ سيوهڻ سيزن 2 جو فائنل ميچ منعقد ٿيو

سيوهڻ قلندر ڪرڪيٽ ڪلب ۽ سيوهڻ اسٽار قلندر ڪرڪيٽ ڪلب ۾ فائنل مقابلو ٿي گذريو

نوجوانن کي مبارڪباد ڏيان ٿو جن بهترين ٽورنامينٽ هن سال به ڪاميابي سان ڪرايو: رمضان ناٿا

سيوهڻ (رپورٽر) ناٿا فائونڊيشن ۽ شاهه بي بي هيلٿ ڪيئر سينٽر ۽ لعل شهباز ٽرسٽ سيوهڻ طرفان سيوهڻ پريميئر ليگ هارڊ بال ٽي 20 ٽورنامينٽ سيوهڻ سيزن 2 جو فائنل ميچ جمر خانا مني ڪرڪيٽ اسٽيڊيم سيوهڻ ۾ ڪرايو ويو جنهن ۾ سيوهڻ قلندر ڪرڪيٽ ڪلب ۽ سيوهڻ اسٽار قلندر ڪرڪيٽ ڪلب جي وچ ۾ فائنل مقابلو ٿي گذريو فائنل ميچ ۾ سيوهڻ قلندر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي*** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 28 ڊسمبر 2022ع

شهيد بينظير ڀٽو جو خواب

اڄ انهي شخصيت جي ورسي جو ڏهاڙو آهي جنهن دهشتگردن ۽ دهشتگردي سان مهاڏو اٽڪائيندي پنهنجي جان ته قربان ڪري ڇڏي پر پنهنجي ماڻهن، عوام ۽ ملڪ کي اڪيلو نه ڇڏيو. جڏهن محترمہ بينظير ڀٽو جلاوطني ختم ڪري واپس موٽي هئي ته ملڪ ۾ هر طرف دهشتگردي عروج تي هئي هر ڏينهن دهشتگردي جو ڪو نه ڪو واقعو ٿيندو هو ۽ طالبان سوات تائين اچي پهتا هئا پر عوام جي ليڊر عوام کي بچائڻ لاءِ انهن دهشتگردن کي للڪاريو ۽ چيو ته ڪنهن به صورت ۾ انهن دهشتگردن کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين جيڪي نه رڳو عوام، ملڪ پر جمهوريت جا به دشمن آهن بينظر ڀٽو کي ختم ڪرڻ لاءِ پهرين ڪراچي ۾ سندس استقبالي جلوس تي خودڪش حملو ڪيو ويو جنهن ۾ هو پاڻ ته معجزاتي نموني بچي وئي پر سندس 200 کان ڪارڪن انهي حملي ۾ شهيد ٿي ويا. انهي کان پوءِ جڏهن بينظير ڀٽو چونڊ مهم دوران دهشتگردن کي کلي عام للڪاريندي رهي ته 27 ڊسمبر جي ڏينهن راولپنڊي ۾ مٿس حملو ڪري شهيد ڪيو ويو.

شهيد محترمہ بينظير ڀٽو اها عالمي اڳواڻ آهي جنهن سدائين جمهوريت لاءِ جاکوڙ ڪئي ۽ پنهنجي ملڪ کي هڪ جمهوري ۽ انساني حقن جي محافظ ملڪ طور دنيا جي ٻين ملڪن جي قطار ۾ بيٺل ڏسڻ چاهيو ٿي. جنهن جي جدوجهد رڳو جمهوريت تائين محدود ناهي پر هن انساني حقن، اظهار جي آزادي، مذهبي رواداري ۽ هر شهري کي برابر جا حق ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي. جيڪا ڳالهه ئي انسانيت جي دشمن دهشتگردن ۽ مذهبي نفرت پکيڙيندڙن کي نه وڻي ۽ هن کي پنهنجي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ سمجهي هن کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت رڳو ڪنهن هڪ پارٽي جو نقصان ناهي پر اهو نقصان هر انهي شخص جو آهي جيڪو اهڙا خواب ڪٺي جدوجهد ڪري رهيو آهي ته هن دنيا ۾ دهشتگردن لاءِ ڪا جاءِ نه هجي ۽ انسان ڪنهن به نفرت کان سواءِ پنهنجي پرامن ۽ پرسڪون زندگي گذاري سگهي. اهڙي سوچ رکندڙ اڳواڻ رڳو ڪنهن هڪ پارٽي جي ملڪيت نه رهندا آهن بلڪ اهي عالمي اڳواڻ بڻجي ويندا آهن ۽ دنيا انهن کي اهڙي مڃتا ڏيڻ شروع ڪندي آهي جيڪا شهيد محترمہ جي حصي ۾ آئي. شهيد بينظير ڀٽو به اهڙن ئي اڳواڻن جي صف ۾ شامل هئي جنهن کي سڄي دنيا قدر جي نگاهه سان ڏسندي هئي. دهشتگردي خلاف ويڙهه ۾ پاڪستان جيتري قرباني ڏني آهي اهڙي قرباني شايد ئي ڪنهن ملڪ يا علائقي ڏني هجي جتي دهشتگردن پاڪستان جي عالمي طور سڃاتپ بڻيل ليڊر کي دهشتگردي جو نشانو بڻايو. شهيد راڻي بينظير ڀٽو جو دنيا ۽ پاڪستان کي دهشتگردي کان پاڪ بڻائڻ وارو خواب ۽ ملڪ ۾ جمهوريت کي مضبوط ڪرڻ جو خواب اڃا اڌورو آهي ڇاڪاڻ ته هڪ طرف دهشتگرد پاڪستان ۾ ڀيهرسرگرم ٿي ويا آهن ۽ ڪي پي ڪان پوءِ بلوچستان ۾ به انهن پنهنجون ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون آهن ته ٻئي طرف ملڪ ۾ سياسي ۽ آئيني بحران ڪر کنيو بيٺو آهي جنهن کي به نبيرڻ جي ضرورت آهي.

اسان سمجهون ٿا ته شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي سڄي جمار جمهوريت لاءِ جاکوڙيندي گذري آهي ۽ هو جمهوريت لاءِ سڀ کان وڏو خطرو دهشتگردي کي سمجهندي هئي جنهن ڪري هن پنهنجي جان جي پرواهه ڪرڻ کانسواءِ انهن دهشتگردن کي للڪاريو. اڄ ملڪ ۾ شهيد راڻي جي پارٽي ۽ انهن ئي اتحادين جي حڪومت آهي جن سان شهيد راڻي ميثاق جمهوريت ڪيو هو ته جيئن ملڪ ۾ جمهوريت مضبوط ٿي سگهي ۽ ڪا به دهشتگرد تنظيم مذهب جي نالي تي عوام کي دهشتگردي جي باهه ۾ اڇلائي نه سگهي. تنهن ڪري شهيد راڻي کي خراج پيش ڪرڻ جو سڀ کان بهترين طريقو اهو آهي ته ملڪ ۾ جمهوريت جون پاڙون مضبوط ڪرڻ لاءِ سياسي استحڪام پيدا ڪيو وڃي ۽ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ نيشنل ايڪشن پلان تي روح مطابق عمل ڪيو وڃي.

شهيد راڻي محترما بينظير ڀٽو کي سرخ سلام

عبدالمجيد بروهي

ان وقت جڏهن پنهنجي پنهنجي ئي هڪ غدار ساٿي ياران جنهن کي پيپلزپارٽي فرش کان عرش تي پهچايو هيو جنهن کي هي ملڪ جو وڏو ڪري سمجهي هن ملڪ جو صدر بڻايو هيو ان پنهنجي ئي محسنن پنهنجي ئي پارٽي جنهن پارٽي جي ڪري هو هن ملڪ جي اهم منصب تي وينو هيو ان پنهنجي پارٽي سان غداري ڪندي جي ووٽن سان چونڊيل عوامي حڪومت کي ڪجهه شريسندن ملڪ دشمنن جي چوڻ تي شهيد راڻي جي حڪومت تي راتاهو هڻي عوامي حڪومت کي ڪيرائي شهيد راڻي ۽ مادر جمهوريت امڙ نصرت ڀٽو مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڪين زبردستي جلاوطن ٿيڻ تي مجبور ڪيو ۽ شهيد راڻي جي مڙس مرد مجاهد آصف علي زرداري مٿان ڪوڙا من گهڙت ڪيس داخل ڪيا ويا پ پ پ جي ڪارڪن همدردن لاءِ پوري پاڪستان ۾ رڻ پاريو ويو پ پ پ جي حڪومت کي ختم ڪرڻ بعد نوازشريف کي ان وقت جي ڪرتا ڌرتائن پاران حڪومت ڏني وئي جنهن اچڻ شرط انتقامي سياست شروع ڪئي ڪيترن ئي جيالن مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڪين وفاداري مٽائڻ جي لاءِ زور ڀريو ويو جن جي نظر انداز ڪندي تشدد سهندا رهيا پر غداري نه ڪيائون نواز شريف ان وقت پنهنجي هڪ درباري سيف رحمان کي احتساب جو هٿ ڏئي پ پ پ جي جيالن کي پارٽي تان هٽائڻ تي مجبور ڪري پر ان ۾ هو ناڪام ثابت ٿيا پ پ پ جي بهادر اڳواڻ آصف علي زرداري کي ڏاڍو زور ڏنو ويو ته محترما خلاف وعدا معاف گواهه بڻجي وڃي ۽ ڪوڙا بيان ڏئي ته ڪيس ختم ڪري آزاد ڪرڻ سميت هر ناجائز ڪم تي هن کان جواب گهريو پر مرد مجاهد آصف علي زرداري ڪين انڪار ڪيو ته مان هڪ جيالو آهيان پارٽي سان غداري نه ڪندس جنهن بعد نواز سرڪار جي حڪم تي مرد مجاهد آصف علي زرداري مٿان وحشيانه تشدد ڪيو ويو زبان به ڪٽي وئي نواز حڪومت بعد آمر مشرف جي ڪاري دور ۾ به پ پ پ جي جيالن سان اهو سلوڪ جاري رهيو ڪيس داخل ٿيڻ جو سلسلو شروع ٿيو هڪ ڀيرو ٻيهر پارٽي جي ميمبرن کي لالچ ڏئي ٽانگا پارٽي ۾ شامل ڪري نالي ماتر اليڪشن ڪرائي نتيجا تبديل ڪري ان ٽانگا پارٽي کي زوري کٽرايو ويو محترما بينظير ڀٽو جي جلاوطني باوجود سلام آهي هن ملڪ جي عوام کي جن محترما ۽ پ پ پ تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو ان وقت به پوري پاڪستان ۾ سيني کان وڌيڪ ووٽ پ پ پ حاصل ڪيا هيا پر آمر مشرف رات جي پيٽ ۾ نتيجا تبديل ڪري پ پ پ جون سيٽون گهٽايون ويون جنهن ڪري پ پ پ جي ڪجهه لالچي ميمبرن کي لالچ ڏئي انهن جي وفاداري تبديل ڪرائي انهن کي لوٽا ڪريسي ۾ شامل ڪيو ويو پورا پنج سال پ پ پ جي قائدين ۽ جيالن کي تنگ ڪيو ويو جنهن بعد شهيد راڻي تمام ڌمڪين کي نظر انداز ڪندي چيائين ته هاڻي مان پنهنجي ملڪ جي عوام کي هن ظالمن ۽ ملڪ دشمنن جي رحم ڪرم تي نٿي ڇڏي سگهان ملڪ واپسي جي اعلان بعد محترما کي ڌمڪيون ملنديون رهيون جڏهن شهيد راڻي ڪراچي ايئرپورٽ تي لٿي ته ان وقت ان جو پوري پاڪستان جي عوام پاران اهڙو شاندار استقبال ڪيو ويو سڀ پ پ پ جا دشمن حيران پريشان ٿي ويا لکين ماڻهن پنهنجي عظيم اڳواڻ جي آمد تي پ پ پ سان محبت جو ثبوت ڏنو ان وقت ٻئي طرف سنڌ حڪومت پنهنجي آقا مشرف جي چوڻ تي قافلي کي سيڪيورٽي نه ڏني ماڻهن سان نڪتل قافلي جي صرف نالي ماتر سيڪيورٽي ڏني هئي قافلي جي رستي جي بجلي بنا ڪنهن سبب بند ڪرائي وئي شهيد راڻي ان قافلي ۾ سان گڏ هئي سيڪيورٽي نه هجڻ ۽ بجلي بند هجڻ سبب پ پ پ ۽ عوام جي دشمنن پاران عوامي ليڊر کي شهيد ڪرڻ لاءِ جمهوري ترڪ پرسان خود ڪش حملو ڪرايو ويو جنهن ۾ پ پ پ جي جيالن پنهنجي جان جا نذرانا ڏئي پنهنجي قائد جي حفاظت ڪئي شهيد راڻي هڪ بهادر اڳواڻ هئي جيڪا ان حملي بعد ملندڙ ڌمڪين کي نظر انداز ڪندي رهي بنا ڪنهن پروٽوڪول جي شهيد ٿيندڙ جانثارن جي گهرن ۾ وڃي سندس وارثن سان ملي ساڻن ڏک ونڊيندي رهي ان وقت شهادت ماڻيندڙن جي والدين شهيد راڻي چوندا رهيا ته اسان کي خوشي آهي ته اسان جو ٻچڙو توهان جي جان بچائيندي توهان مٿان قربان ٿيو آهي اسان جو پورو خاندان توهان مٿان قربان ٿيڻ لاءِ تيار آهي جڏهن محترما زخمين سان ملڻ اسپتال پهتي ته ان وقت سخت زخمي ٿيل جيالا پنهنجي پيڻ کي پنهنجي پرسان صحيح سلامت ڏسي پنهنجا زخم سور وساري زندا هي ڀٽو زندا هي جا زوردار نعرا هڻندا رهيا

شهيد جمهوريت پوري پاڪستان ۾ تاريخي جلسا ڪرڻ لڳي سندس جلسن ۾ عوامي سمنڊ ڏسي مخالف پيا سڙندا هيا شهيد راڻي پنهنجن تمام جلسن ۾ ملڪ دشمنن ۽ مذهبي انتهاپسندن ۽ دهشتگردن کي للڪاري چوندي هئي ته اهي سڀ اسان جي ملڪ جي امن ۽ سلامتي جا دشمن آهن ملڪ جي عوام جا دشمن آهن ملڪ پاڪستان جي ترقي جا دشمن آهن اهي بنا دير هن ملڪ مان نڪري هليا وڃن شهيد راڻي پاران انتها پسندن دهشتگردن کي ۽ ملڪ دشمنن کي للڪارڻ سبب اهي سڀ جا سڀ گڏجي شهيد راڻي جي جان جا ويري بڻجي ويا جن شهيد راڻي کي هن ملڪ جي عوام جي ترقي جي ڳالهه ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڪجهه بيغيرت ملڪ دشمنن دهشتگردن جي مدد سان شهيد راڻي کي شهيد ڪيو ويو ان وقت کان هن وقت تائين پ پ پ جا جيالا پنهنجي ڀيڻ جي ورسي گڙهي خدابخش ڀٽو ۾ ملهائيندا رهن ٿا شهيد راڻي جي ورسي ۾ هر سال لکين پاڪستاني گڙهي خدابخش ڀٽو پهچي پنهنجي ڀيڻ سان عهد وفا ۽ وچن ڪن ڪندا آهن اڄ شهيد راڻي جي جنم ڏينهن تي پوري پاڪستان ۾ نه صرف جيالا پر هر پاڪستاني شهيد راڻي جي ورسي جي موقعي تي کيس آلين اکين سان ياد ڪري کيس سرخ سلام پيش ڪن ٿا اڄ انهن تمام انتقامي ڪاروائين باوجود سڀ ڪجهه وساري پ پ پ ڪوچيئرمين آصف علي زرداري ۽ پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو پنهنجي عظيم قائد شهيد راڻي جي نقش قدم تي هلندي شهيد راڻي محترما بينظير ڀٽو پاران ن ليگ سان تمام اختلاف پاساري رکي ڪري ملڪ قوم ۽ عوام جي لاءِ شهيد راڻي پاران ن ليگ سان ميثاق جمهوريت جو معاهدو ڪيو ويو هيو ان تي اڄ سندس جيالا عمل ڪري رهيا آهن ان ميثاق جمهوريت جي ڪري آصف علي زرداري پاران هن ملڪ مٿان مڙهيل ڪٺپتلي سليڪٽيڊ فتني کي وزارت عظما جي ڪرسي تان لاٿو ۽ ن ليگ کي جمهوري انداز سان وزارت عظما ڏياريائين اڄ عوام کي شهيد راڻي جي ورسي جي موقعي تي پي ڊي ايم وارا گڏجي شهيد راڻي جي ورسي جو پروگرام ملهائي رهيا آهن اهو سڀ ڪجهه شهيد راڻي جي نظريو آهي جنهن ته تمام جماعتون گڏجي عوام جي فلاح لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن

عاشقا معشوقن جو وڃي ور دڪان،
پيچ پيش پرين جي، پتيءَ وجهي پاڻ،
ته تون تنين ساڻ، سدا رهين سرخرو.

شهيد بينظير ڀٽو جي قتل جي تحقيقات جو نه ٿي سگهي؟

خاصخيلي لطيف راولائي

هر سال 27 ڊسمبر تي باقاعده شهيد راڻي محترما بينظير ڀٽو جي ورسي ملهائي ويندي آهي پوري ملڪ کان قافلا گڙهي خدابخش ڏانهن روانا ٿيندا آهن ۽ اتي هڪ وڏو پاور شو ڪري ٿي پنهنجي ليڊر کي ياد ڪيو ويندو آهي بينظير ڀٽو جيڪا دنيا جي مڃيل سياسي اڳواڻ هئي ۽ دنيا جي مشهور تعليمي اداري آڪسفورڊ يونيورسٽي مان تعليم حاصل ڪري آئي هئي ان جي قتل کي رائيگان ڪيو ويو 27 ڊسمبر 2007ع جو اهو ڪارو ڏينهن جنهن ڏينهن تي راولپنڊي جي لياقت باغ جنهن کي خوني باغ به چئي سگهجي ٿو ان ڪري ته اتي سڀ کان پهريائين ملڪ جو پهريون وزيراعظم کي به اهڙي طرح سڌيون گوليون هڻي قتل ڪيو ويو جنهن قاتل کي موقعي تي ئي پڪڙي ماريو ويو اهڙي ريت ملڪ جي سربراه شهيد بينظير کي به نشانو بڻائي اڳ ۾ ئي سوچيل سمجهيل پلاننگ تحت گوليون هڻي انتهائي بيدردي سان شهيد ڪيو ويو ۽ قاتل کي به آساني سان پهچڻ جو موقعو ڏنو ويو جو اهڙي وڏي جلسي ۾ جتي سخت سيڪيورٽي هئي ۽ خود بينظير ڀٽو جا ذاتي محافظ به ساڻس گڏ هئا بلٽ پروف گاڏي انهي هوندي به قاتل نه گرفتار ٿي سگهيا ويتر اجان جو واقعي کان پوءِ فوري طور تي رت جا نشان متايا ويا ته جئين ڪو به نشان باقي نه رهي ۽ ان کان پوءِ پوسٽ مارٽم به نه ڪيو ويو ۽ جلد ئي اسپتال مان هنگامي بنيادن تي ڳڙهي خدابخش روانو ڪيو ويو اهو سڀ ڪجهه ايترو جلدي ٿيو جو ان منظر کي ڳوڙها اکين مان ڪري پون ٿا ۽ ذهن ۾ مختلف سوال اڀرن ٿا ته ايترو جلد ڪئين ٿيو شهيد جي قتل جو فائدو ڪنهن کي ٿيو هڪ ويڊيو هر سال ڏيکاري ويندي آهي جو ان هڪ شخص جيڪو پ پ جو خاص جيالو هو هٿ جو اشارو ڪري رهيو آهي جيڪو پڻ هاڻي هن دنيا ۾ نه رهيو پيو شهيد جو خاص محافظ جيڪو واقعي کان پوءِ گم ڪيو ويو هو ان کي به ڪافي سالن کان پوءِ پراسرار نموني سان بلاول هاوس کان ٻاهر نڪرندي رستي تي گوليون هڻي ماريو ويو مطلب ته اهڙي خطرناڪ خفيه پلاننگ جو قتل جا سڀ نشان ختم ڪيا ويا پوءِ به تحقيقات اڌوري رهجي وئي ملڪ جا دانشور تجزيه نگار انهي واقعي کي مختلف طريقن سان بيان ڪندا رهن ٿا ڪن جو خيال هو ته شهيد جي قتل ۾ ڪي ڳجها ادارا ملوث آهن اهو ان ڪري ته محترمہ بينظير ڀٽو پنهنجي دور حڪومت ۾ هڪ ڪتاب لکيو هو جنهن تي ملڪ ۽ ملڪ کان ٻاهر ڳجها ادارا سخت ناراض ٿيا هئا اهو ڪتاب 2008ع ۾ سنڌي ۾ ترجمو ٿيو هو پاڪستان طوفان جي گهيري ۾ اهو ڪارڻ ٻڌائين ٿا ڪن وري تحريڪ طالبان تي الزام هنيو هو پر تحريڪ طالبان فوري طور تي هن قتل کان لاتعلقي جو اظهار ڪيو ته اهو ڏوهه اسان جي تحريڪ جو ناهي تمام گهٽيون آگريون ملڪ جي سربره ۽ آرمي چيف پرويز مشرف ڏانهن به کڄڻ شروع ٿيون پر ان به تفصيلي وضاحت ڪئي ته مون محترمہ کي خبردار ڪيو هو ته واپس نه اچي ملڪ جون اندروني حالتون ٺيڪ نه آهن توکي ماريو ويندو انهي فوران قتل جي تحقيقات اقوام متحده جي جانچ ٽيم کان ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو اها جانچ ٽيم به پاڪستان پهتي ۽ انهن تفصيلي جانچ ۾ ڪئي مختلف ماڻهن جا سوال قلمبند ڪيا لاڙڪاڻي به ويا ملڪ جي سياسي اڳواڻن جا به بيان ورتا هر طرفو جانچ ڪئي پر اڄ ڏينهن تائين ڪو به ڪڙتيل نه نڪري سگهيو ته اهي ڪهڙا ڳجها هٿ آهن جيڪي ايشيا جي وڏي سياسي اڳواڻ ٽين دنيا جي خالق شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي لاڏلي ڌي جنهن کي پيار مان پنڪي پڻ چوندا هئا ان جي اصلي ۽ حقيقي قاتل اڄ ڏينهن تائين بينقاب نه ٿي سگهيا اقوام متحده جي جانچ ٽيم جي سربراه هيرالڊ ميونوزم جيڪو شهيد بينظير جو ڪلاس فيلو به رهيو هو ان به هڪ وڏي تفصيلي رپورٽ ڪتابي شڪل ۾ جاري ڪئي پر ڪنهن خاص شخص يا اداري کي ڏر نه ٻڌايو جيڪو ڪتاب بعد ۾ 2014ع ۾ سنڌ جي صحافي ليکڪ بشير احمد پٺي سنڌي ۾ ترجمو ڪيو جيڪو بينظير جو قاتل بچي ويو جي نالي سان شايع ٿيو آهي انهي واقعي کي پندرنهن سال ٿي ويا پر اڄ ڏينهن تائين انهي قتل ۾ ڪا به وڌيڪ پيشرفت نه ٿي سگهي اڃان تائين تحقيقات مڪمل نه ٿي سگهي آهي جڏهن جنهن پارٽي جي شهيد محترمہ اڳواڻ هئي ان جي مسلسل حڪومت ايندي رهي آهي ۽ ان جو سربراه ملڪ جو صدر به چونڊيو ويو پر ان هوندي به ان خون کي لڪايو ويو ۽ ان جو دائرو محدود ڪري صرف هر سال ورسي تائين محدود ڪيو ويو ته هر سال صرف ورسي ملهائي ويندي اها هڪ ڳجهارت بڻجي وئي آهي ۽ هاڻي ته عام روايت ٿيندي پئي وڃي ته ڪو به قتل ۽ ڏوهه ٿئي ته ان جي تحقيقات اڌوري ٿي هجي مڪمل جانچ نه ڪئي وڃي لڳي ٿو اهي سڀ ادارا شيخ اياز جي هنن سٽن جي پيروي ڪن ٿا اسين جي مٿاسين سفر ۾ او ساٿي ماٿيندا منزل پنهنجا ڀول ڏاٿي اسان پنهنجو رستو سجاڻي ڪنيو آ رڳو سچ کي ئي ساٿي ڪنيو آ انهي ڪرڻ ۾ ڪسي وياسين ڪاٿي

بقايا 01

آمريت خلاف سنڌس بي خوف تحريڪ سنهري باب آهي. شهباز شريف چيو ته شهيد بينظير ڀٽو دهشتگردي خلاف جرئتمندانو ۽ چٽو موقف اختيار ڪيو. ادارن جي مضبوطي ۽ سماجي ڀلائي لاءِ هن بي مثال خدمتون سرانجام ڏنيون. وزيراعظم وڌيڪ چيو ته اڳوڻي صدر آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو سميت سنڌس گهر ڀاتين ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي سمورن چاهيندڙن سان تعزيت ڪريون ٿا. رب پاڪ شهيد بينظير ڀٽو سميت سمورن شهيدن جا درجا بلند فرمائي ۽ سنڌن گهر ڀاتين کي صبر جميل عطا فرمائي. وزيراعظم شهباز شريف چيو ته اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم بينظير ڀٽو جي سموري جمار تاريخ ساز جدوجهد ۾ گذري. ملڪ، عوام ۽ جمهوريت لاءِ بينظير ڀٽو جون تاريخي خدمتون وسارڻ جوڳيون نه آهن. ڪيس پيٽا پيش ڪيون ٿا وزيراعظم شهباز شريف جو چوڻ آهي ته بينظير ڀٽو جي شهادت دهشتگرديءَ خلاف پاڪستان جي عزم جو ثبوت آهي. نواز شريف ۽ بينظير ڀٽو عوام کي ميثاقِ جمهوريت جو تاريخي تحفو ڏنو

بقايا 02

جي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته فوٽوشوٽ معاملي ۾ ٽن ملازمن کي ملوث قرار ڏنو ويو آهي. جاچ رپورٽ ۾ اهو به انڪشاف ٿيو ته فوٽو شوٽ کان اڳ انتظاميا کان اجازت نه ورتي وئي. ٽنهي ملازمن تعليمي اداري ۾ فوٽو شوٽ ڪرائڻ جو اعتراف ڪيو آهي. ٽنهي ملازمن خلاف پي ڊي اي ايڪٽ تحت ڪارروائي ڪئي ويندي. يونيورسٽي انتظاميا جو چوڻ آهي ته فوٽوگرافر ۽ شادي شده جوڙي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 03

15هين شهادت جي ورسي جي موقعي تي منعقد ٿيل جلسي کي خطاب ڪندي پ پ چيئرمين مشرق جي ڌيءُ ۽ اسلامي دنيا جي پهرين چونڊيل وزيراعظم کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته هوءَ هڪ محب وطن اڳواڻ هئي. نه رڳو پاڪستان پر دنيا جي ليڊر هئي. هوءَ سيني لاءِ هڪ پاڪستان چاهيندي هئي. هوءَ اتحاد جي سياست تي يقين رکندي هئي. نفرت نه اتحاد ۽ تقسيم نه يڪجهتي جي سياست تي يقين رکندي هئي. هن وڌيڪ چيو ته جن سوچيو هو ته شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جو قتل سنڌن جدوجهد جو سفر بند ڪري ڇڏيندو پر ان سانحي جي 15 سالن کانپوءِ به جيالن ۽ عوام جو سمنڊ آهي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته اسان کي ڪوڙ ۽ ڪرپشن جي هن سياست کي هميشه لاءِ دفن ڪرڻو پوندو ۽ ڪٺ پتلي سياست کي ختم ڪرڻو پوندو. مشرف ۽ سنڌس ڪٺ پتلين سان وڙهڻ لاءِ هميشه جمهوري هٿيار استعمال ڪيو آهي. صدر زرداري مشرف کي ڪير مان مکڻ وانگر ڪڍي ڇڏيو ۽ اڄ فخر سان چئون ٿا ته شهيد محترمہ بينظير ڀٽو اڄ به آهي ۽ مشرف به هو. پرڏيهي وزير چيو ته چونڊيل نمائندن جي ناڪامين، نالائقي ۽ نااهلي سبب پاڪستان دنيا ۾ اڪيلو ٿيندو پيو وڃي. ۽ انتهاپسندي ۽ دهشتگردي سان جوڙيو ويندو هو. هن چيو ته افسوسناڪ صورتحال اها آهي ته اسان ڪشمير جو دفاع به نه ڪري سگهياسين. هن سوال ڪيو ته مان پڇان ٿو ته انهن چونڊيل نمائندن کي انهن دهشتگردن سان ڳالهين جي اجازت ڪنهن ڏني، جن جا حوصلا بلند ٿي ويا ۽ اهي ڪمزور ٿي ويا. هن چيو ته شهيدن جي خاندانن، عوام ۽ پارليامينٽ جي اجازت ڪانسواءِ دهشتگردن سان ڳالهين جي اجازت ڪنهن ڏني؟ ڪير هو جنهن دهشتگردن کي جيلن مان ڪڍيو؟ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته صدر آصف علي زرداري جيالن جي زور تي ان شخص کي اقتدار تان هٽايو جيڪو آئين، صوبن جي حقن، 18هين ترميم، سنڌ ۽ بلوچستان جي ٻيٽن تي قبضو ڪرڻ ۽ سنڌ جي ٻيٽن تي قبضو ڪرڻ جي سازش ڪري رهيو هو عام ماڻهوءَ جي کيسي ۽ پيٽ کي معاشي طرح ماري رهيو هو. هن چيو ته ملڪي تاريخ ۾ هن چونڊيل وزيراعظم کي فوج يا عدليه نه پر عدم اعتماد جي تحريڪ ذريعي هٽايو ويو هو ان جو ڪريڊٽ صدر آصف علي زرداري ۽ جيالن بدران آمريڪي صدر بائيڊن کي

ڏني رهيو آهي، پر هن کي ڄاڻ گهرجي ته اهو وائيٽ هائوس نه پر بلاول هائوس آهي جنهن توهان کي ڪيڏن جي سازش ڪئي. هن چيو ته اسان سليڪٽيڊ ۽ ان جي سهولتڪارن کي وڏي عزت سان خدا حافظ چيو. پ پ چيئرمين چيو ته سليڪٽيڊ، مشرف ۽ ان جا بچيل باقيات هاڻي ماضي جو داستان بڻجي ويا آهن. مستقبل هنن جو نه پر جيالن ۽ عوام جو آهي. اسان ماضي ۾ ملڪ کي بحرانن مان ڪڍيو آهي. هاڻ صرف پاڪستان پيپلز پارٽي ئي پاڪستان کي مشڪلاتن مان ڪڍي سگهي ٿي. ڳالهه ڪجهي ته ماضي ۾ اهو ڪم صرف هڪ پارٽي ڪيو آهي ۽ اها آهي پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ اڄ به صرف پاڪستان پيپلز پارٽي اهو ڪم ڪري سگهي ٿي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي مستقبل ۾ دهشتگردي جو خاتمو آڻيندي. دهشتگردن کي شڪست ضرور ڏينداسين. پر اسان کي حساب ڪبي ته اهو ڪيئن ٿيڻ ڏنو ويو. اسان اهو گناهه هڪ ڀيرو ڀيهر ڪيئن ڪري رهيا آهيون. عوام کي احتساب ڪرڻ گهرجي ته دهشتگردي ڀيهر ڇو وڌي رهي آهي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري زور ڏنو ته سندس مخالف پهريان انسان بڻجن پوءِ سياستدان بڻجن. چو ته پاڪستان بچندو ته پوءِ آهي وزير اعظم جي ڪرسي لاءِ وڙهندا. ڪارڪنن کي خطاب ڪندي پ پ چيئرمين چيو ته چونڊيل وزيراعظم کي هٽائڻ کانسواءِ اها به سندس وڏي ڪاميابي آهي ته ملڪ جو آرمي چيف يونيفارم ۾ اچي بيٺو ۽ تقرير ڪئي ۽ سمجهان ٿو ته اڳ به سياست ۾ مداخلت ٿيندي هئي اداري جي ذميواري آهي. فيصلو ڪيو ريو ته اسان سياست ۾ مداخلت نه ڪنداسين. هن چيو ته ملڪ ۽ قوم سان جيڪو واعدو ڪيو ويو هو ته ادارا غير سياسي ۽ آئين جا پابند هوندا. پوءِ اسان کي اهو واعدو پورو ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن اسٽيبلشمينٽ به ان ئي عزم سان اڳتي وڌندي ته پوءِ پاڪستان جي ترقي کي ڪير به روڪي نٿو سگهي. پرڏيهي وزير چيو ته عمران خان بني گالا ۾ لڪيل آهي. پر هو سازشون جاري رکندو. فوج کي سياست ۾ ڌڪڻ جي ڪوشش ڪندو هن چيو ته آرٽيڪل 6 جي کليل ڀڃڪڙي ڪئي پئي وڃي. ڇاڪاڻ ته چيو پيو وڃي ته آئين ٽوڙيو عمران جي اڳر پڪڙي سندس نيپي تبديل ڪريو. هن وڌيڪ چيو ته عمران خان جي ڪوشش آهي ته اسٽيبلشمينٽ کي گمراهه ڪري، دٻاءُ وجهي اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي ته هڪ ڀيرو ڀيهر 'منهنجا پيارا هم وطنو' بڻجي وڃي. پر پاڪستان پيپلز پارٽي ڪنهن به سازش جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهي. بلاول ڀٽو زرداري عمران خان کي خبردار ڪيو آهي ته اها سندس لاءِ آخري وارننگ آهي ته هو پارليامينٽ ۾ اچي پنهنجي ڪرسي تي ويهي. جيڪڏهن هو پاڻ کي سياستدان ۽ جمهوريت پسند سڏائي ٿو ته ان کي پارليامينٽ ۾ ويهي پنهنجو ڪم ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته پهرين پارليامينٽ ۾ اچو. پوءِ سياسي پارٽيون توهان سان ڳالهيون ڪنديون. اسان غير قانوني تنظيمن جي ڳالهه نه ڪندا آهيون. اچو ۽ صاف ۽ شفاف چونڊن لاءِ سڌارن ۾ حصو ڏيو. تازو ٻوڏ جي تباهيءَ جو ذڪر ڪندي پ پ چيئرمين چيو ته اهو ائين آهي جيئن آفت کان اڳي ڪي منهن ڏيڻ. ٻوڏ سبب 30 ارب ڊالرن جو نقصان ٿيو. جي ڊي پي جو 10 سيڪڙو ٻوڏ جي پاڻي ۾ ضايع ٿي ويو ۽ 30 ملين کان وڌيڪ ٻوڏ متاثرين جن ۾ 16 ملين ٻار ۽ 6 لک حامله عورتون شامل آهن اڃا تائين امداد جي انتظار ۾ آهن. سنڌ ۾ 50 سيڪڙو تعليمي ادارن جو انفراسٽرڪچر متاثر ٿيو آهي. سندس چوڻ هو ته اهو تماشو هو ته هڪ طرف ملڪ جو ٽيون حصو پاڻي هيٺ هو ته ٻئي طرف تخت لاهور لاءِ ويڙهه ٿي رهي هئي ۽ جي ٽي روڊ تي لانگ مارچ ٿي رهيو هو. پرڏيهي وزير چيو ته عالمي بئنڪ سنڌ جي بحاليءَ لاءِ 2 ارب ڊالرن جو قرض ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جيڪو ٻوڏ دوران سنڌ جي وڏي وزير جي اڳواڻ ڪوششن جو نتيجو آهي. هن وڌيڪ چيو ته هن سنڌ جي وڏي وزير سان به ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي ته صوبي ۾ لينڊ ريفارمز متعارف ڪرايون وڃن. ٻوڏ متاثرن کي گهرن جي تعمير لاءِ بنا وياج قرض فراهم ڪيو ويندو. جڏهن ته ڪچي آبادي جي متاثرن کي گهرن جا مالڪاڻا حق ڏنا ويندا. ان موقعي تي صنم ڀٽو، بي بي آصفه ڀٽو زرداري، پارٽي جي مرڪزي ۽ صوبائي قيادت پڻ اسٽيج تي

موجود هئي.

بقايا 04

ڊسمبر 2007 پاڪستان جي تاريخ جو هڪ اونداهو ڏينهن هو. بدقسمتي سان مقبول عوامي ليڊرن کي قتل ڪري رستي تان هٽايو ويو سنڌس چوڻ هو ته لياقت علي خان کان وٺي بينظير تائين اهو سلسلو جاري رهيو آهي. الله پاڪ عمران خان کي زندگي ڏني ته ته ان اونداهي باب ۾ واڌ جو مڪمل منصوبو هو.

بقايا 05

جي رپورٽ آئي آهي؟ ان تي اشتر اوصاف چيو ته آدمشماري جي اداري پاران اسلام آباد جي آبادي ۾ اضافي جو ٻڌايو ويو. اليڪشن ڪميشن کي آبادي ۾ اضافي جو معاملو ڏسڻ گهرجي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ به آبادي ۾ اضافي کي مڃيو آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي حتمي فيصلو ڪرڻ جو اختيار ڏنو آهي. اشتر اوصاف چيو ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي وفاقي حڪومت جو موقف ٻڌڻ جو چيو ۽ اليڪشن ڪميشن وفاقي حڪومت کي ٻڌڻ کان سواءِ فيصلو جاري ڪيو. ماضي ۾ به شيڊول جاري ٿيڻ کان پوءِ چونڊون ملتوي ڪيون ويون. اليڪشن کي آئين ۽ قانون موجب فيصلو ڪرڻو آهي چو ته اليڪشن ڪميشن وڏي انگ ۾ شهرين کي سنڌن حقن کان محروم نٿو رکي سگهي. ٻڌڻي دوران چيف اليڪشن ڪمشنر چيو ته اسلام آباد ۾ 2 ڀيرا تڪ بنديون ٿي چڪيون آهن ۽ پنجاب ۾ به 2 ڀيرا تڪ بنديون ٿي چڪيون آهن. ٽيون ڀيرو شروع ٿي رهيون آهن. حڪومت کي اڳ خيال ڇو نه آيو ته وقت تي يوسيون وڌائڻ گهرجن ها. هاڻ جڏهن شيڊول جو اعلان ٿي چڪو آهي ته ان وقت هي يوسيون وڌائڻ چاهين ٿا. حڪومت ڪميشن کي ڏکي صورتحال ۾ وجهي ڇڏيو آهي. آئين جي آرٽيڪل 149 ۾ لکيل آهي ته لوڪل قانون موجب چونڊون ڪرائڻيون آهن. هاڻ جيڪڏهن اهو قانون ئي تبديل ڪيو وڃي ته پوءِ ڇا ڪيو وڃي.

بقايا 06

نه هٽايون هان ته سري لنڪا وانگر ڊيفالٽ ٿي وڃون ها پي ٽي آءِ کي استيعفا کان ڪنهن روڪيو آهي. هن چيو ته شهيد بينظير ڀٽو کي جان جو خطرو هيو پر هو پاڪستان آئي اڄ پاڪستان پيپلزپارٽي لاءِ وڏي سانحي جو ڏينهن آهي سياست ڪندڙن جي سيج آهي هن چيو ته پي ٽي آءِ جي ميمبر استعفائون ڏئي اسپيڪر جي ڀيرين پوندا آهن ته انهن جي مراعاتون ۽ پگهار بند نه ڪئي وڃي. شازيه عطا مري چيو ته پيپلزپارٽي ۽ اي اين پي اڳ ۾ ئي پي ڊي ايم کان نڪري چڪيون آهن هن چيو ته سنڌ ۾ بدامني جي ڳالهه ڪرڻ وارا پنهنجي صوبن جي حالت تي غور ڪن ڪي پي ڪي حڪومت دهشت گردن اڳيان گوڏا کوڙي ڇڏيا آهن ۽ انهن جو مقابلو ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي ملڪ جي بقاءَ خاطر اسان پي ڊي ايم سان سهڪار ڪري نالائق حڪومت جو خاتمو آندو

بقايا 07

سان ڳالهائيندي هن چيو ته اڄ پاڪستان ۾ جيڪا ۽ جيتري جمهوريت آهي ان پٺيان شهيد راڻي جون لازوال قربانيون ۽ جدوجهد آهي. پ پ سينيٽر سسئي پليجو چيو ته اڄ اسين محترمہ بينظير ڀٽو جي ورسي تي اسين کيس خراج تحسين پيش ڪيون ٿا هن وڌيڪ ڳالهائيندي سسئي پليجو وڌيڪ چيو ته شهيد راڻي بينظير ڀٽو جان جو نذرانو ڏئي ملڪ ۽ قوم کي استحڪام ڏنو. بينظير شهيد جمهوريت جي ان ٻوٽي کي واڌ ويجهه ڪئي، جنهن جي آبياري شهيد ڀٽو پنهنجي رت جو ريج ڏئي ڪئي. هن چيو ته شهيد بينظير ڀٽو نه رڳو پاڪستان پر دنيا جي مظلومن جو آواز بڻي ۽ پنهنجي جرئت ۽ همت ذريعي آمريت کي للڪاريو شهيد راڻي خوبصورتي ڏاهپ جرئت جو حسين مثال هئي. هن چيو ته اڄ پاڪستان ۾ جيڪا جمهوريت آهي ان جي پٺيان ان جي لازوال قربانيون ۽ ڏاهپ ۽ جدوجهد شامل آهي هوءَ ڪڏهن به ڌمڪين کان ڪا نه ڊني پر آمريت کي للڪاري جرئتمند ۽ بهادري سان پاڪستان کي مضبوط ڪيو. هن چيو ته هن ماڻهن جي حقن جي پاسداري ڪئي. پرامن طور تي دهشتگردي کان پاڪ معاشري جي حاصلات لاءِ جنگ جوٽي.

بقايا 08

جي ورسي جي موقعي تي پنهنجي بيان ۾ ڪامران ٽيسوري چيو ته شهيد بينظير ڀٽو مون کي پنهنجو پاڻ جونڊي هئي. هن جمهوريت کي هٿي ڏيڻ ۽ استحڪام لاءِ وڏيون خدمتون انجام ڏنيون. هن چيو ته شهيد بينظير ڀٽو عوام جي ڀلائي لاءِ رات ڏينهن ڪم ڪيو. سندس خدمتون سدائين ياد رکيون وينديون.

بقايا 09

ڪئي وئي آهي. جاپان جي فائرايند ڊيزاسٽر مئنيجمنٽ ايجنسي موجب جاپان جي شهري ناگاٽي ۾ 2.6 برفباري رڪارڊ ڪئي وئي آهي. موسميات کاتي گذريل هفتي ئي ملڪ جي مختلف حصن ۾ سخت برفباري اڳڪٿي ڪئي هئي. سياري سبب جاپان جي اولهندي سامونڊي پٽي برفباري سبب سخت متاثر ٿي آهي. جڏهن ته برفباري سبب ملڪ جي مختلف علائقن جي هاءِ ويز تي روڊن تي گاڏين جو قطارون لڳي ويون آهن.

بقايا 10

ڪري خيبر افغانستان مان منشيات اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي. ترجمان موجب طورخم بارڊر ذريعي پاڪستان پهچندڙ 9 افغان شهرين جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪئي وئي، جنهن ۾ 36 ڪلو 500 گرام آئس، 8 ڪلو 580 گرام شڪي مواد ۽ 7 ڪلو هيروئن شامل آهي. 3 افغان شهرين جو پتو لڳايو ويو ترجمان جو چوڻ آهي ته جوابدار حيدر خان، عصمت الله ۽ سنڌس ساٿين کي گرفتار ڪري قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي. ٻئي طرف ڪراچي جي خانگي ڪوريئر آفيس ۾ 2 مختلف ڪارروايون ڪيون ويون. جنهن دوران لنڊن موڪلڻ لاءِ جيڪٽس جي پارسل مان 230 گرام شڪي مواد هٿ ڪيو ويو. جڏهن ته ٻيڪ پارسل مان 10 گرام آئس هٿ ڪيو ويو. دبئي ڏانهن موڪليو ويو. ترجمان موجب هٿ آيل منشيات ويسٽن ۾ لڪايو ويو هو. جوابدارن خلاف اينٽي نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 11

هائوس اسلام آباد ۾ جمع ته ٿيندا جتي پارٽي چيئرمين عمران خان کي خطاب ڪرڻ ڪرڻو هو. ياد رهي ته پي ٽي آءِ ميمبرن استعيفائن جي تصديق لاءِ سڀاڻي 28 ڊسمبر تي قومي اسيمبلي وڃڻ جو اعلان ڪيو هو ان سلسلي ۾ اهو طئي ٿيو هو ته تحريڪ انصاف جا قومي اسيمبلي ميمبر 28 ڊسمبر اربع جي ڏينهن خيبرپختونخواهه هائوس اسلام آباد ۾ جمع ٿيندا جتي پارٽي چيئرمين عمران خان ميمبرن سان وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندو. جڏهن ته تحريڪ انصاف جا قومي اسيمبلي ميمبر شاهه محمود قريشي جي اڳواڻي ۾ پارليامينٽ هائوس ويندا ۽ اسپيڪر جي سامهون پيش ٿي پنهنجي استعيفائن جي تصديق ڪندا.

بقايا 12

حوالي سان لاڳاپيل ۽ مذڪوره اختيارين کي خط جاري ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ چيو ويو آهي ته 3 بندش پيل تنظيمن جنهن ۾ بلوچستان ريوليوشن آرمي (بي آر اي) بلوچ راجي اجائي سنگر (براس) ۽ سنڌ ريوليوشن آرمي (ايس آر اي) شامل آهن انهن سنڌ جي ٽنهي وڏن شهرن ۾ دهشتگرد حملن جي رٿا بندي ڪئي آهي. ان مقصد جي لاءِ مذڪوره تنظيمن دهشتگردن کي هٿيار ۽ ڌماڪيدار مواد به ورهائي ڇڏيو آهي خط ۾ چيو ويو آهي ته برهمداغ بگٽي جو سالو شجاع بگٽي ڪراچي جي ضلعي جنوبي ۾ رهائش پذير آهي ۽ ڪراچي يونيورسٽي ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو آهي. هو انٽيليجنس ڪمانڊر جي طور تي پنهنجي تنظيم کي ٽيڪنيڪي ڄاڻ ڏيندو آهي هو ڪراچي يونيورسٽي جي شاگردن کي پنهنجي پابندي مڙهيل تنظيم ۾ شامل ۽ سکر ۾ دهشتگرد ڪارروائين جو منصوبو تيار ڪيو آهي جنهن جي لاءِ هن پنهنجا حدف به مقرر ڪري ڇڏيا آهن صوبائي گهرو کاتي پاران سمورن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي دهشتگردي کان بچاءَ ۽ حملا ناڪام بنائڻ لاءِ پاڻ ۾ مضبوط تعاون ۽ گهربل قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا 13

جي تصديق جي اعلان کانپوءِ اسپيڪر جي ٻاهرئين ملڪ دوري تي روانگي جي مذمت ڪئي وئي. پڌرائيءَ موجب اسپيڪر جي ڪردار ۽ حڪومت سان ملي ڀڳت کي پارليامينٽ جي توهين قرار ڏنو ويو. عمران خان چيو ته چورن کي اين آر او جو تحفظ ڇڏي چونڊن جو اعلان ڪرڻ گهرجي. عوامي مينڊيٽ رکندڙ حڪومت ئي معيشت سنڀالڻ جي اهل هوندي. هن جي قوم سوال پڇي رهي آهي ته معيشت جي تباهي کانپوءِ ڪنهن جي اشارن تي داخلي انتشار کي هوا ڏني پئي وڃي؟ قومي سلامتي کي زرداري جي سياسي نابالغ پٽ جي رحم ڪرم تي ڇڏڻ مجرماڻي بيوقوفي آهي.

بقايا 14

پيپلز پارٽي جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي ڪندي اهڙو اظهار هن ڳڙهي خدابخش ويندي سکر ائرپورٽ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته مودي جي خلاف بلاول ڀٽو زرداري واري پريس بيان کي پوري ملڪ اندر اهميت ملي آهي ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ڀارت ۾ مسلم اقليتن کي قتل عام جي پاليسي اپنائي آهي رضاربانيءَ چيو ته آئي ايم ايف جي شرطن جي ڪا نئين ڳالهه ناهي ڪئي بين الاقوامي مالياتي سامراج ترقي ڪندڙ ملڪن کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان پنهنجو غلام بڻائي پنهنجا مقصد حاصل ڪيا آهن هن چيو ته جيڪڏهن محترم بي نظير ڀٽو شهيد نه ٿي ها ته اڄ ملڪ جي صورتحال اهڙي نه هجي ها بينظير ڀٽو سيني طبقن کي گڏ ڪٺي هلي ها ۽ اسان به سيني کي گڏجي هلڻ جي ڪوشش ڪئي پر اڄ ورهائڻ واري سياست هلي رهي آهي اهڙي سياست جي ڪري دهشتگردي واري لهر ڀيهر ڪر کڻيون آهي محترمہ بنظير ڀٽو شهيد جي پاليسي اڄ ملڪ کي سخت ضرورت آهي 27 ڊسمبر ملڪ جو تاريخي ڪارو ڏينهن آهي.

بقايا 15

ويون آهن. پوليس موجب ريڊ زون جي داخلي رستن جي سيف سٽي ڪيمرائن سان رڪارڊنگ ڪئي ويندي جڏهن ته ميٽرو سروس جي مسافرن جي وڊيو رڪارڊنگ ڪئي ويندي. شهرين کي گذارش آهي ته هو پاڻ سان گڏ سڃاڻپ ڪارڊ رکن. پوليس هدايت ڪئي آهي ته گاڏين تي ايڪسائيز آفيس مان جاري ٿيل نمبر پليٽ استعمال ڪئي وڃي. بنا نمبر پليٽ ۽ غير رجسٽرڊ ٿيل گاڏين خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي. پوليس طرفان پرڏيهي شهرين کي به پنهنجا سڃاڻپ ڪارڊ رکڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. جڏهن ته گهرن ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن جي به رجسٽريشن ويجهي پوليس اسٽيشن يا خدمت مرڪز تي ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. جن مالڪن غير رجسٽرڊ مقامي يا پرڏيهي ملازم رکيا آهن انهن کي به جاچ ۾ شامل ڪيو ويندو. ڪنهن به شڪي سرگرمي جي اطلاع پڪار 15 تي ڏني وڃي.

بقايا 16

هو قانون پڙهي سگهن. ٽوئٽر تي جاري ڪيل پيغام ۾ اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري چيو ته اڳ لاهور هاءِ ڪورٽ چيو ته 10 وڳي هوٽلون بند ڪري ڇڏيون. هاڻ هي اسڪول جي موڪلن جو فيصلو ڪري رهيا آهن. فواد چوڌري چيو ته آخر ڪهڙي قانون جي تحت جج انتظامي معاملن ۾ پنهنجي راءِ کي قانوني قرار ڏئي سگهن ٿا. هن جج صاحبن کي ڀيهر لا اسڪول ۾ اماڻڻ گهرجي ته جيئن هي پورا 5 سال قانون جا ڪتاب پڙهن.

بقايا 17

موجب في تولي سون جي قيمت ۾ 4500 رپيا واڌ ٿي آهي. جنهن کانپوءِ ان جي قيمت هڪ لک 82 هزار 500 رپيا ٿي وئي آهي. اهڙي ريت 10 گرام سون 3 هزار 858 رپيا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ هڪ لک 56 هزار 636 رپين جو ٿي ويو آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو قدر 2 ڊالر واڌ سان 1810 ڊالر في اونس آهي.

بقايا 18

آفيسون ۽ نيشنل بئنڪ جون بااختيار برانچون رات 10 وڳي تائين ڪم ڪنديون.

بقايا 19

۾ رکڻ جو الزام آهي. اينٽي ڪرپشن کاتي الزام ثابت ٿيڻ تي ليگي قومي اسيمبلي ميمبر چوڌري محمد اشرف کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب جوابدار هڪ فرضي شخص شريف احمد هاشمي جي جعلي الاٽمينٽ ظاهر ڪري سرڪاري زمين تي قبضو ڪيو هو.

بقايا 20

نوڪرين جا اشتهار ۽ آن لائن درخواستون وصول ڪيون وينديون آهن. هن پورٽل تي گهڻو ڪري بغير چالان واريون آچون ڪيون وينديون آهن ۽ درخواست لاءِ هڪ ڀيرو پروفائل ٺاهي ان ڳڻيون درخواستون ڏئي سگهن ٿا. تازو قومي انفارميشن ٽيڪنالاجي کاتي پاران ٻڌايو ويو آهي ته سنڌن پورٽل تي نوڪرين جا اشتهار لاڳيو آهن جن تي اميدوار اپلاءِ ڪري سگهن ٿا.

بقايا 21

کي ميثاق معيشت دائين واڌ ڏيڻ ۽ ڪشميرين کي گڏيل قومن جي ٺهرائن موجب حق ڏيڻ جا ٺهراءَ به منظور ڪيا ويا. سيمينار سان خطاب ڪندي خواجا آصف چيو ته نواز شريف سمجهوتو ڪري ها ت پاناما سميت ڪنهن معاملي ۾ ڪجهه نه نڪري ها. اسان پنهنجو سياسي سرمايو ملڪ ۽ قوم تي خرچ ڪري چڪا آهيون. تنهن ڪري اسان بليڪ ميلنگ ٿي ڪنهن به صورت ۾ چونڊون نه ڪرائينداسين. هن چيو ته پي ٽي آءِ وارن جون استعيفائون قبول ڪرڻ گهرجن. عمران خان جي وفاداري رڳو پيسي تائين محدود آهي. ملڪ کي ڏيوالي جي ويجهو آڻڻ تي عمران خان ۽ ڪيس آئيندڙ ڪان به پڇڻ گهرجي.

بقايا 22

ڀٽو جن ڏکيائين کي منهن ڏنو اڄ تائين ٻئي ڪنهن ناهي ڏنو

بقايا 23

قوم سنڌس جدوجهد ۽ قربانين کي ڪڏهن نه وساريندي. مذهب، رنگ ۽ نسل سان گڏوگڏ هر قسم جي فرق جو خاتمو شهيد بينظير ڀٽو جو مشن هو. هر پاڪستاني لاءِ برابر حق ۽ موقعا به سنڌس مشن هو. هن چيو ته شهيد بينظير ڀٽو عورتن کي خود مختيار بڻائڻ ۽ ڪين هر سطح تي پيش مسئلن جي حل لاءِ انقلابي قدم کنيا. اڄ هر شعبي ۾ ماضي جي ڀيٽ ۾ عورتن جي بهتر ڪارڪردگي ۽ پاليسي ساز ادارن ۾ نمائندگي شهيد بينظير ڀٽو جي قدمن جو نتيجو آهي. سنڌس جو هواچ اهو وچن ڪرڻ جو ڏينهن آهي ته اسان شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي سوچ ۽ نظريي جي پيروي ڪنداسين. جمهوريت کي مضبوط بڻائينداسين. عوام جي حقن جي حفاظت ۽ پاڪستان جي سربلندي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪنداسين. فريال ٽالپر چيو ته اڄ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان لکين جيالا ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ گڏ ٿي پنهنجي شهيد قائد کي ڀيٽا پيش ڪندا ۽ پنهنجي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي تقرير ٻڌندا.

بقايا 24

وزير طارق بشير چيما، سينيٽر مشاهد حسين سيد ۽ چوڌري شافع حسين سميت ٻين سياسي شخصيتن شرڪت ڪئي. پوءِ سينيٽر صحافين سان ڳالهائيندي چوڌري شجاعت حسين چيو ته ملڪ ۾ سياسي ۽ معاشي استحڪام اٽڪر آهي ۽ ايندڙ عام چونڊون مقرر وقت تي ٿيڻ گهرجن. هن زور ڏنو ته عمران خان سميت سيني کي اسيمبلي ۾ واپس اچڻ گهرجي. چو ته عوام ڪين چونڊي موڪليو آهي. هو ڏسي رهيا آهن ته اسان جا نمائندا ڇا ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن انهن کي رڳو پگهار ۽ مراعتون وٺڻيون آهن ته ان جو ڪو فائدو ناهي. سنڌس چوڻ هو ته نه فوج کي اڃو آهي ته ڪنهن ٻئي کي اڃو آهي. جيڪڏهن هي وقت گذري ويو ته پوءِ ڪنهن جي هٿ نه ايندو. اسان سڀ ملڪ لاءِ ڪم ڪنداسين ته بچي وينداسين. اسان گڏ نه ٿياسين ته تباهي ٿيندي.

بقايا 25

وڏي پئماني تي استعمال جو انڪشاف ٿيو آهي. اهو انڪشاف ڪندڙ مهاڻن جي تنظيم پاڪستان فشر فوڪ فورم ٿي آهي. ايڇ آر سي پي ۽ ٻين سماجي تنظيمن جي اڳواڻن سان ملاقات دوران پاڪستان فشر فوڪ فورم جي اڳواڻن فاطمه مجيد، ايوب شان خاصخيلي، مجيد موٽاڻي، طالب ڪڇي ۽ ٻين انڪشاف ڪيو ته پابندي باوجود بولو گجو جار وڏي پئماني تي استعمال ٿي رهيو آهي ۽ اهو جار مقامي مهاڻا نه پر ٻين صوبن کان آيل ماڻهو استعمال ڪن ٿا هنن هوڙن، ٻيڙين ۽ لانچن جي رجسٽريشن جي عمل تي فوري طور پابندي لڳائڻ جو مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته بلوچستان ۾ رجسٽريشن جا اختيار صوبائي حڪومت وٽ آهن پر سنڌ ۾ وفاق جي مداخلت آهي. سرڪاري ڪامورا رشوت عيوض روزانو ڪيترن ئي هوڙن جي رجسٽريشن ڪري رهيا آهن هنن چيو ته هوڙن جي رجسٽريشن جي عمل کي شفاف بڻائي ڇنڊڇاڻ ٿيڻ گهرجي ته جيڪي اصل مهاڻا آهن. انهن کي مڇي جي شڪار جي اجازت ڏني وڃي. اڳواڻن چيو ته آبي جيوت جي تباهي جا ڪارڻ ڊيپ سي فشنگ، تمر جي ڪٽائي ۽ بولو گجو جو استعمال آهي. پاڪستان فشر فوڪ فورم جي اڳواڻن ٻڌايو ته سنڌ جي ڪوسٽل بيلٽ ۾ 70 هزار بولو گجو جار استعمال ٿي رهيو آهي

بقايا 26

شهرن ۾ گيس جو بحران جاري آهي. ڪراچي ۾ 24 ڪلاڪ گيس جي لوڊشيڊنگ شهرين لاءِ سياري کي عذاب بڻائي ڇڏيو آهي. شهرين جو چوڻ آهي ته گيس نه ملڻ سبب هو مهانگو ڪاٺيون ۽ ايل پي جي خريد ڪرڻ تي مجبور آهن. شهرين جو چوڻ آهي ته گيس نه هجڻ سبب ٽانون ٽڏين. مهمان ٻڪ مري رهيا آهن.

بقايا 27

طارق جميل جي پٽ يوسف جميل پڻ ڪي ڪينيڊا ۾ دل جو دورو پوڻ جي تصديق ڪئي ۽ پنهنجي ٽوئيٽ ۾ هن چيو ته پيءُ هن وقت ڪينيڊا ۾ آهي ۽ اتي ڪيس دل جو دورو پوڻ سبب اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. هن ٻڌايو ته الله جي ڪرم سان هاڻي سنڌس طبيعت بهتر آهي. عوام کي دعائن جي اپيل آهي.

بقايا 28

جي هجوم هڪ جوابدار کي پڪڙي تشدد ڪري ماري ڇڏيو شهرين جي تشدد ۾ هڪ جوابدار زخمي ٿي پيو. پوليس لاش ۽ زخمي جوابدار کي تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو رابعه سٽي ۾ به ڦر جي مبينا واقعي دوران شهريءَ جي فائرنگ ۾ زبير نالي هڪ جوابدار مارجي ويو. فائرنگ ۾ واٿهرو عامر زخمي ٿي پيو. پوليس پهچي لاش تحويل ۾ ورتو

بقايا 29

حڪومت جي ذميواري آهي. پوءِ عدالت ڊي جي پي ڊي ايم اي کي ايندڙ ٻڌڻي تي طلب ڪندي ٻڌڻي جمعي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 30

جي رپورٽ آئي آهي؟ ان تي اشتر اوصاف چيو ته آدمشماري جي اداري پاران اسلام آباد جي آبادي ۾ اضافي جو ٻڌايو ويو. اليڪشن ڪميشن کي آبادي ۾ اضافي جو معاملو ڏسڻ گهرجي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ به آبادي ۾ اضافي کي مڃيو آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي حتمي فيصلو ڪرڻ جو اختيار ڏنو آهي. اشتر اوصاف چيو ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي وفاقي حڪومت جو موقف ٻڌڻ جو چيو ۽ اليڪشن ڪميشن وفاقي حڪومت کي ٻڌڻ کان سواءِ فيصلو جاري ڪيو. ماضي ۾ به شيڊول جاري ٿيڻ کان پوءِ چونڊون ملتوي ڪيون ويون. اليڪشن کي آئين ۽ قانون موجب فيصلو ڪرڻو آهي چو ته اليڪشن ڪميشن وڏي انگ ۾ شهرين کي سنڌن حقن کان محروم نٿو رکي سگهي. ٻڌڻي دوران چيف اليڪشن ڪمشنر چيو ته اسلام آباد ۾ 2 ڀيرا تڪ بنديون ٿي چڪيون آهن ۽ پنجاب ۾ به 2 ڀيرا تڪ بنديون ٿي چڪيون آهن. ٽيون ڀيرو شروع ٿي رهيون آهن. حڪومت کي اڳ خيال ڇو نه آيو ته وقت تي يوسيون وڌائڻ گهرجن ها. هاڻ جڏهن شيڊول جو اعلان ٿي چڪو آهي ته ان وقت هي يوسيون وڌائڻ چاهين ٿا. حڪومت ڪميشن کي ڏکي صورتحال ۾ وجهي ڇڏيو آهي. آئين جي آرٽيڪل 149 ۾ لکيل آهي ته لوڪل قانون موجب چونڊون ڪرائڻيون آهن. هاڻ جيڪڏهن اهو قانون ئي تبديل ڪيو وڃي ته پوءِ ڇا ڪيو وڃي.

بقايا 31

آمريت خلاف سنڌس بي خوف تحريڪ سنهري باب آهي. شهباز شريف چيو ته شهيد بينظير ڀٽو دهشتگردي خلاف جرئتمندانو ۽ چٽو موقف اختيار ڪيو. ادارن جي مضبوطي ۽ سماجي ڀلائي لاءِ هن بي مثال خدمتون سرانجام ڏنيون. وزيراعظم وڌيڪ چيو ته اڳوڻي صدر آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو سميت سنڌس گهر ڀاتين ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي سمورن چاهيندڙن سان تعزيت ڪريون ٿا. رب پاڪ شهيد بينظير ڀٽو سميت سمورن شهيدن جا درجا بلند فرمائي ۽ سنڌن گهر ڀاتين کي صبر جميل عطا فرمائي. وزيراعظم شهباز شريف چيو ته اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم بينظير ڀٽو جي سموري جمار تاريخ ساز جدوجهد ۾ گذري، ملڪ، عوام ۽ جمهوريت لاءِ بينظير ڀٽو جون تاريخي خدمتون وسارڻ جوڳيون نه آهن. ڪيس پيٽا پيش ڪيون ٿا وزيراعظم شهباز شريف جو چوڻ آهي ته بينظير ڀٽو جي شهادت دهشتگرديءَ خلاف پاڪستان جي عزم جو ثبوت آهي. نواز شريف ۽ بينظير ڀٽو عوام کي ميثاقِ جمهوريت جو تاريخي تحفو ڏنو

بقايا 32

حوالي سان لاڳاپيل ۽ مذڪوره اختيارين کي خط جاري ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ چيو ويو آهي ته 3 بندش پيل تنظيمن جنهن ۾ بلوچستان ريوليوشن آرمي (بي آر اي) بلوچ راجي اجائي سنگر (براس) ۽ سنڌ ريوليوشن آرمي (ايس آر اي) شامل آهن انهن سنڌ جي ٽنهي وڏن شهرن ۾ دهشتگرد حملن جي رٿا بندي ڪئي آهي. ان مقصد جي لاءِ مذڪوره تنظيمن دهشتگردن کي هٿيار ۽ ڌماڪيدار مواد به ورهائي ڇڏيو آهي خط ۾ چيو ويو آهي ته برهمداغ بگٽي جو سالو شجاع بگٽي ڪراچي جي ضلعي جنوبي ۾ رهائش پذير آهي ۽ ڪراچي يونيورسٽي ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو آهي. هو انٽيليجنس ڪمانڊر جي طور تي پنهنجي تنظيم کي ٽيڪنيڪي ڄاڻ ڏيندو آهي هو ڪراچي يونيورسٽي جي شاگردن کي پنهنجي پابندي مڙهيل تنظيم ۾ شامل ۽ سکر ۾ دهشتگرد ڪارروائين جو منصوبو تيار ڪيو آهي جنهن جي لاءِ هن پنهنجا حدف به مقرر ڪري ڇڏيا آهن صوبائي گهرو کاتي پاران سمورن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي دهشتگردي کان بچاءَ ۽ حملا ناڪام بنائڻ لاءِ پاڻ ۾ مضبوط تعاون ۽ گهربل قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا 33

پيپلز پارٽي جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي ڪندي اهڙو اظهار هن ڳڙهي خدابخش ويندي سکر ائرپورٽ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته مودي جي خلاف بلاول ڀٽو زرداري واري پريس بيان کي پوري ملڪ اندر اهميت ملي آهي ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ڀارت ۾ مسلم اقليتن کي قتل عام جي پاليسي اپنائي آهي رضاربانيءَ چيو ته آئي ايم ايف جي شرطن جي ڪا نئين ڳالهه ناهي ڪئي بين الاقوامي مالياتي سامراج ترقي ڪندڙ ملڪن کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان پنهنجو غلام بڻائي پنهنجا مقصد حاصل ڪيا آهن هن چيو ته جيڪڏهن محترم بي نظير ڀٽو شهيد نه ٿي ها ته اڄ ملڪ جي صورتحال اهڙي نه هجي ها بينظير ڀٽو سيني طبقن کي گڏ ڪٺي هلي ها ۽ اسان به سيني کي گڏجي هلڻ جي ڪوشش ڪئي پر اڄ ورهائڻ واري سياست هلي رهي آهي اهڙي سياست جي ڪري دهشتگردي واري لهر ڀيهر ڪر کڻيون آهي محترمہ بنظير ڀٽو شهيد جي پاليسي اڄ ملڪ کي سخت ضرورت آهي 27 ڊسمبر ملڪ جو تاريخي ڪارو ڏينهن آهي.

بقايا 34

پيپلز پارٽي جي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي ڪندي اهڙو اظهار هن ڳڙهي خدابخش ويندي سکر ائرپورٽ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته مودي جي خلاف بلاول ڀٽو زرداري واري پريس بيان کي پوري ملڪ اندر اهميت ملي آهي ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ڀارت ۾ مسلم اقليتن کي قتل عام جي پاليسي اپنائي آهي رضاربانيءَ چيو ته آئي ايم ايف جي شرطن جي ڪا نئين ڳالهه ناهي ڪئي بين الاقوامي مالياتي سامراج ترقي ڪندڙ ملڪن کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان پنهنجو غلام بڻائي پنهنجا مقصد حاصل ڪيا آهن هن چيو ته جيڪڏهن محترم بي نظير ڀٽو شهيد نه ٿي ها ته اڄ ملڪ جي صورتحال اهڙي نه هجي ها بينظير ڀٽو سيني طبقن کي گڏ ڪٺي هلي ها ۽ اسان به سيني کي گڏجي هلڻ جي ڪوشش ڪئي پر اڄ ورهائڻ واري سياست هلي رهي آهي اهڙي سياست جي ڪري دهشتگردي واري لهر ڀيهر ڪر کڻيون آهي محترمہ بنظير ڀٽو شهيد جي پاليسي اڄ ملڪ کي سخت ضرورت آهي 27 ڊسمبر ملڪ جو تاريخي ڪارو ڏينهن آهي.

بقايا 35

ڪري خيبر افغانستان مان منشيات اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي. ترجمان موجب طورخم بارڊر ذريعي پاڪستان پهچندڙ 9 افغان شهرين جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪئي وئي، جنهن ۾ 36 ڪلو 500 گرام آئس، 8 ڪلو 580 گرام شڪي مواد ۽ 7 ڪلو هيروئن شامل آهي. 3 افغان شهرين جو پتو لڳايو ويو ترجمان جو چوڻ آهي ته جوابدار حيدر خان، عصمت الله ۽ سنڌس ساٿين کي گرفتار ڪري قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي. ٻئي طرف ڪراچي جي خانگي ڪوريئر آفيس ۾ 2 مختلف ڪارروايون ڪيون ويون. جنهن دوران لنڊن موڪلڻ لاءِ جيڪٽس جي پارسل مان 230 گرام شڪي مواد هٿ ڪيو ويو. جڏهن ته ٻيڪ پارسل مان 10 گرام آئس هٿ ڪيو ويو. دبئي ڏانهن موڪليو ويو. ترجمان موجب هٿ آيل منشيات ويسٽن ۾ لڪايو ويو هو. جوابدارن خلاف اينٽي نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 36

سان ڳالهائيندي هن چيو ته اڄ پاڪستان ۾ جيڪا ۽ جيتري جمهوريت آهي ان پٺيان شهيد راڻي جون لازوال قربانيون ۽ جدوجهد آهي. پ پ سينيٽر سسئي پليجو چيو ته اڄ اسين محترمہ بينظير ڀٽو جي ورسي تي اسين کيس خراج تحسين پيش ڪيون ٿا هن وڌيڪ ڳالهائيندي سسئي پليجو وڌيڪ چيو ته شهيد راڻي بينظير ڀٽو جان جو نذرانو ڏئي ملڪ ۽ قوم کي استحڪام ڏنو. بينظير شهيد جمهوريت جي ان ٻوٽي کي واڌ ويجهه ڪئي، جنهن جي آبياري شهيد ڀٽو پنهنجي رت جو ريج ڏئي ڪئي. هن چيو ته شهيد بينظير ڀٽو نه رڳو پاڪستان پر دنيا جي مظلومن جو آواز بڻي ۽ پنهنجي جرئت ۽ همت ذريعي آمريت کي للڪاريو شهيد راڻي خوبصورتي ڏاهپ جرئت جو حسين مثال هئي. هن چيو ته اڄ پاڪستان ۾ جيڪا جمهوريت آهي ان جي پٺيان ان جي لازوال قربانيون ۽ ڏاهپ ۽ جدوجهد شامل آهي هوءَ ڪڏهن به ڌمڪين کان ڪا نه ڊني پر آمريت کي للڪاري جرئتمند ۽ بهادري سان پاڪستان کي مضبوط ڪيو. هن چيو ته هن ماڻهن جي حقن جي پاسداري ڪئي. پرامن طور تي دهشتگردي کان پاڪ معاشري جي حاصلات لاءِ جنگ جوٽي.

بقايا 37

جي رپورٽ آئي آهي؟ ان تي اشتر اوصاف چيو ته آدمشماري جي اداري پاران اسلام آباد جي آبادي ۾ اضافي جو ٻڌايو ويو. اليڪشن ڪميشن کي آبادي ۾ اضافي جو معاملو ڏسڻ گهرجي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ به آبادي ۾ اضافي کي مڃيو آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي حتمي فيصلو ڪرڻ جو اختيار ڏنو آهي. اشتر اوصاف چيو ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي وفاقي حڪومت جو موقف ٻڌڻ جو چيو ۽ اليڪشن ڪميشن وفاقي حڪومت کي ٻڌڻ کان سواءِ فيصلو جاري ڪيو. ماضي ۾ به شيڊول جاري ٿيڻ کان پوءِ چونڊون ملتوي ڪيون ويون. اليڪشن کي آئين ۽ قانون موجب فيصلو ڪرڻو آهي چو ته اليڪشن ڪميشن وڏي انگ ۾ شهرين کي سنڌن حقن کان محروم نٿو رکي سگهي. ٻڌڻي دوران چيف اليڪشن ڪمشنر چيو ته اسلام آباد ۾ 2 ڀيرا تڪ بنديون ٿي چڪيون آهن ۽ پنجاب ۾ به 2 ڀيرا تڪ بنديون ٿي چڪيون آهن. ٽيون ڀيرو شروع ٿي رهيون آهن. حڪومت کي اڳ خيال ڇو نه آيو ته وقت تي يوسيون وڌائڻ گهرجن ها. هاڻ جڏهن شيڊول جو اعلان ٿي چڪو آهي ته ان وقت هي يوسيون وڌائڻ چاهين ٿا. حڪومت ڪميشن کي ڏکي صورتحال ۾ وجهي ڇڏيو آهي. آئين جي آرٽيڪل 149 ۾ لکيل آهي ته لوڪل قانون موجب چونڊون ڪرائڻيون آهن. هاڻ جيڪڏهن اهو قانون ئي تبديل ڪيو وڃي ته پوءِ ڇا ڪيو وڃي.

بقايا 38

آمريت خلاف سنڌس بي خوف تحريڪ سنهري باب آهي. شهباز شريف چيو ته شهيد بينظير ڀٽو دهشتگردي خلاف جرئتمندانو ۽ چٽو موقف اختيار ڪيو. ادارن جي مضبوطي ۽ سماجي ڀلائي لاءِ هن بي مثال خدمتون سرانجام ڏنيون. وزيراعظم وڌيڪ چيو ته اڳوڻي صدر آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو سميت سنڌس گهر ڀاتين ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي سمورن چاهيندڙن سان تعزيت ڪريون ٿا. رب پاڪ شهيد بينظير ڀٽو سميت سمورن شهيدن جا درجا بلند فرمائي ۽ سنڌن گهر ڀاتين کي صبر جميل عطا فرمائي. وزيراعظم شهباز شريف چيو ته اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم بينظير ڀٽو جي سموري جمار تاريخ ساز جدوجهد ۾ گذري. ملڪ، عوام ۽ جمهوريت لاءِ بينظير ڀٽو جون تاريخي خدمتون وسارڻ جوڳيون نه آهن. ڪيس پيٽا پيش ڪيون ٿا وزيراعظم شهباز شريف جو چوڻ آهي ته بينظير ڀٽو جي شهادت دهشتگرديءَ خلاف پاڪستان جي عزم جو ثبوت آهي. نواز شريف ۽ بينظير ڀٽو عوام کي ميثاقِ جمهوريت جو تاريخي تحفو ڏنو

بقايا 39

ڀٽو کي ڪهڙي ڏوهه ۾ شهيد ڪيو ويو. شهيد بينظير ڀٽو ڪوڙ نه سچ جي سياست تي يقين رکندي هئي. دهشتگردي ۽ آمريت هڪ ئي سڪي جا ٻه رخ آهن. دهشتگردي پکيڙي توهان جا حق کسيا ويندا آهن. آمريت بندوق جي طاقت سان آزادي کسيندي آهي. هن چيو ته اسان ڏکيڙ جي سياست کي دفن ڪنداسين. هٿ ٺوڪين جي ڪوڙ جي سياست کي رد ڪنداسين. هن ملڪ کي جوڙينداسين. يڪجهتي سان سياست ڪنداسين. ماڻهن کي نه ورهائينداسين. سنڌس چوڻ هو ته پهريون ڀيرو بي اعتمادي ذريعي وزيراعظم کي گهر موڪليو ويو. سليڪٽيڊ بي اعتمادي جو ڪريڊٽ جو بائيڊن کي ڏيڻ چاهي ٿو. عمران خان کي آمريڪي صدر نه جيالن ڪڍيو. بي اعتمادي جي سازش وائيٽ هائوس نه بلاول هائوس ۾ تيار ٿي ۽ اها بند ڪمرن جي سازش نه هئي. اسان روڊن تي ويهي اعلان ڪيو ۽ پوءِ پنهنجو هدف حاصل ڪري ڏيکاريو.

بقايا 40

ويون آهن. پوليس موجب ريڊ زون جي داخلي رستن جي سيف سٽي ڪيمرائن سان رڪارڊنگ ڪئي ويندي جڏهن ته ميٽرو سروس جي مسافرن جي وڊيو رڪارڊنگ ڪئي ويندي. شهرين کي گذارش آهي ته هو پاڻ سان گڏ سڃاڻپ ڪارڊ رکن. پوليس هدايت ڪئي آهي ته گاڏين تي ايڪسائيز آفيس مان جاري ٿيل نمبر پليٽ استعمال ڪئي وڃي. بنا نمبر پليٽ ۽ غير رجسٽرڊ ٿيل گاڏين خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي. پوليس طرفان پرڏيهي شهرين کي به پنهنجا سڃاڻپ ڪارڊ رکڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. جڏهن ته گهرن ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن جي به رجسٽريشن ويجهي پوليس اسٽيشن يا خدمت مرڪز تي ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. جن مالڪن غير رجسٽرڊ مقامي يا پرڏيهي ملازم رکيا آهن انهن کي به جاچ ۾ شامل ڪيو ويندو. ڪنهن به شڪي سرگرمي جي اطلاع پڪار 15 تي ڏني وڃي.

بقايا سنڌيار 01

ستي ٿاڻي جي حد ۾ ڪارروائي ڪندي منشيات فروش کي مضر صحت گٽڪا سميت گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار راهب/راهي سرهيو جي قبضي مان گٽڪا جا 5 پيٽ ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪرڻ بعد نوشهروفيروز ستي ٿاڻي تي مين پڙي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو. نوشهرو فيروز ستي ٿاڻي جي پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي منشيات فروش کي شراب سميت گرفتار ڪري ورتوگرفتار جوابدار راشد علي مهر جي قبضي مان 20 ليٽر شراب هٿ ڪرڻ بعد لاڳاپيل ٿاڻي تي نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو. پريا ستي ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي دوران ڦر جي ڪيس ۾ گرفتار ٻن جوابدارن وٽان ڏوهن ۾ استعمال ٿيندڙ غير قانوني هٿيار هٿ ڪري ورتا. گرفتار جوابدارن اختر/سڄڻ ابڙو ۽ نديم آريجو جي قبضي مان 02 غير لائسنسي پستول ۽ 13 رائونڊ هٿ ڪرڻ بعد,حڪومت جي فرياد تي سنڌ آرمس ايڪٽ تحت ٻه الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا. مورو ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي ڪري جوابدار کي غير قانوني هٿيارن سميت گرفتار ڪري ورتوگرفتار جوابدار ياسين ڏيپر جي قبضي مان رائفل هٿ ڪري سنڌ آرمس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو. ٻئي طرف خانواهڻ ٿاڻي جي ايس ايچ او خانواهڻ لعل ڏينو شر ڪجھ ڏينهن اڳ چوري ٿيل موبائل فون ۽ نقدي هٿ ڪري ورتي. برآمد ٿيل موبائل فون ۽ نقدي 12000 تصديق بعد اصل مالڪ عبدالڪبير عباسي حوالي ڪيا ويا

بقايا سنڌيار 02

ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گذريل هڪ مهيني کان سلطانپور ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ بد امني چوٽ چڙهي وئي آهي هڪ مهيني ۾ 15 کان وڌيڪ چوريون ٿي چڪيون آهن پوليس اگهور ننڊ ستل آهي ايس ايچ او ڌوهارين آڏو بيوس بڻيل آهي مقامي پوليس اهلڪار سياسي ماڻهن جا ونگارو بڻيل آهن ٿاڻي جي اڌ کان وڌيڪ نفري وڏيرن ۽ سياسي ڪارڪنن جي بنگلن تي مقرر ٿيل آهي ضلعي جي وڏي حد واري ٿاڻي تي پوليس جي نفري تمام گهٽ آهي هنن آءِ جي سنڌ,ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو ته سلطانپور ڪينٽ ٿاڻي ۾ پوليس جي نفري وڌيڪ مقرر ڪئي وڃي ۽ امن امان بحال ڪيو وڃي مظاهرين پاران ڪينٽ پوليس جي ناڪارا ڪارڪردگي خلاف پڻ سخت نعريبازي ڪئي وئي

بقايا سنڌيار 03

سيڪنڊري استادن سميت ٻين سنڌ صوبي جي مختلف کاتن جا ملازم استادن جي جائز مطالبن لاءِ ساٿ ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪري ڇڏيو آهي. مطالبن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ٻين صوبن جيان استادن کي مقرري واري تاريخ کان پڻ ريگولر ڪيو وڃي. بغير شرط جي اپگريڊيشن . فيبروري 2021 کان ڏٺي سروس اسٽرڪچر ڊيو,بائيوميٽرڪ سسٽم ضلع تي رائج ڪيو . تازو آئي بي اي معرفت ڀرتي ڪيل استادن کي جلد پگهارون ڏيو . ڪيمپس ڪلسٽر مرج ۽ حب اسڪول فوري ختم ڪيا وڃن. سنڌ جي پرائمري استادن کي گريڊ 17 ڏئي ڪين هيڊ ماستر مقرر ڪيو وڃي. رهيل ضلعن ۾ پي ايس ٽي کان ايچ ايس ٽي پروموشن جلد ڪيا وڃن.سنڌ جي سيٽي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسن ۾ اي جي سنڌ جي سرپرستيءَ ۾ هلندڙ رشوت جو راڄ ختم ڪيو وڃي. سنڌ جي سڀني اسڪولن ۾ بنيادي سهولتون مهيا ڪيون وڃن. استادن جي اولاد جي ڪوٽا بحال ڪريو ,سنڌ جي ريٽائر استادن کي گروپ انشورنس ڏني وڃي. تعليمي انڪريمينٽس بحال ڪريو. سنڌ سيڪريٽريٽ ۽ سي ايم هائوس جي ملازمن جيان استادن پڻ يوٽيلٽي الائونس ڏنو وڃي. ٿرپارڪر , عمرڪوٽ , ڪوهستان جي استادن کي هارڊ ايريا الائونسن ڏنو وڃي. استادن کي تمام گهٽ ميڊيڪل الائونس ملي ٿو استادن کي هيلٿ ڪارڊ ڏنو وڃي. ٻوڏ متاثرين جي آڙ ۾ ڪٽيل پگهارون استادن کي واپس ڪيون وڃن. ريٽائر ٿيندڙ استادن کي رلائي سالن تائين پنشن ۽ ٻين مراعتن لاءِ دربدر ڪيو ويندو آهي استادن کي ريٽائر ٿيڻ مهل پوري ادائيگي ڪريو. سنڌ جي اين بي پي برانچن ۾ ريجنل هيڊن جي سرپرستيءَ ۾ ايڊوانس سيلريءَ لاءِ رشوت بند ڪري استادن جي عزت ڪيو. پرائمري استادن جي بدلي جا اختيار DEO , TEO حوالي ڪيا وڃن . صحافت جي آڙ ۾ انتقامي ڪاروائين ۽ بيگناهه بي سبب ڊيوٽي ڪندڙ استادن کي معطل ڪري رليو ڪيو ويو آهي ڪين فوري بحال ڪيو وڃي. پ ٽ الف جي اڳوٽي مرڪزي صدر حاجي شفيع محمد سئيو، مرڪزي اڳواڻ سڪندر علي جتوئي، ڊاڪٽر عبدالجبار ڪوسو ۽ ٻين چيو ته پرائمري استادن کي ديوار سان لڳائڻ جي سازش بند ڪئي وڃي ۽ پرائمري استاد برادري جا جائز مڃيل تسليم ڪيل مطالبن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري استادن ۾ پيدا ٿيل بي چيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 04

پوليس خلاف احتجاج 13 ساله معصوم نينگر آزر پٽ شفيع محمد سولنگي کي شڪ آهي زبردستي جو نشانو بڻائڻ بعد قتل نه ڪيو ويو هجي يا اغوا ڪيو ويو آهي انصاف فراهم ڪيو وڃي وارثن وڌيڪ ٻڌايو ته اغوا جي شڪ جي الزام ۾ پريا پوليس کي 2 جوابدارن هذب الله خاصخيلي ۽ دلشاد جلباڻي جا نالا ڏنا آهن پر پوليس هن مهل تائين جوابدارن کي گرفتار ناهي ڪيو جلدجوابدار کي گرفتار نينگر کي بازياب ڪرايو وڃي نينگرجو پتو نه پوڻ تي ڳوٺ ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانيل

بقايا سنڌيار 05

حاجي حسين بخش لغاري سميت ٻين آبادگارن ۽ پي ٽي آئي اڳواڻن ستي پريس ڪلب ميرپورخاص ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هڻندي ڪيو هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته آبادگارن کي وڌيڪ پاڻ بليڪ تي وڪرو ڪرائي نقصان پهچايو پيو وڃي سم نالن سميت پراڻ ذريعي هٽ سان ڪٽ هٽي ڊويزن جي ڪيترن ئي علائقن کي هٽ سان ٻوڙايو ويو ٻڏل علائقن ۾ هزارين ايڪڙ زمين هن وقت به پاڻي هيٺ آهي ۽ سوين ڳوٺ ويران بڻيل آهن لکين ماروئڙن در در جا ڌڪا کائڻ تي مجبور بڻيل آهن سندس گهرن ۾ کائڻ لاءِ ڪجھ به ناهي سندن ٻچا بکون پيا ڪاٽين سرڪار متاثرن جي کهڙي مدد ڪئي آهي امداد جي نالي بار بار قرض پيو ورتو وڃي ڏنو ته اڃا تائين ڪنهن کي ڪجھ به ناهي نالي ماتر سروي ڪري پنهنجا نوازي ڪئي پئي وڃي ميرپورخاص ريجن جي مختلف سم نالن سميت پراڻ جي قدرتي لنگهن جي سوين ايڪڙن تي مافيائن جا قبضا ٿيل آهن دانهون ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهيون اڳواڻ ۽ ضلعي انتظاميه پنهنجي بي وسي ظاهر ڪري ڇڏي آهي پوءِ قدرتي لنگهن تان قبضا ختم ڪيئن ٿيندا هر دفعا برساتن ۾ ٻوڙائي مسڪينن ماروئڙن کي هٽ سان تباهه ڪيو پيو وڃي سرڪار پاران متاثرن آبادگارن کي ٻج جي مد ۾ پنج هزار ڏيڻ جو اعلان ڪيو اڃا تائين اهو ناهي ملي سگهيو. سروي ۾ من پسند ماڻهن جا نالا پيا لکيا وڃن اهڙي سروي کي رد ڪري هر متاثر کي پنهنجو حق ڏنو وڃي ۽ بليڪ تي پاڻ جو وڪرو فوري طور بند ڪرائي آبادگارن کي سرڪاري اگهه تي سستو پاڻ ۽ مسڪينن کي سبسڊي وارو سستو اٽو فراهم ڪيو وڃي ته جيئن مسڪين ماڻهوءَ پنهنجن ٻچن جو پيٽ پالي سگهن اگر مطالبا نه مڃيا ويا ته پي ٽي آئي جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن روڊن تي نڪري ايندا مطالبن جي مڃتائن تائين ڌرڻا ۽ پنهنجا احتجاج جاري رکندا.

بقايا سنڌيار 06

حوالي ڪري ڌارين کي منظر ڪرڻ وارو عمل ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو مهراڻ وليج جعلي اسڪيم آهي جنهن خلاف 7 ڊسمبر تي مختيار ڪار گلزار هجري اعجاز الحسن خان طرفان اينٽي انڪروچمينٽ ۽ سچل پوليس جي مدد سان ڪارروائي ڪري غيرقانوني طور هلندڙ تعميراتي ڪم بند ڪرائي قبضو ڪندڙن حنيف سومرو محبوب عباسي. ياسين پٺاڻ نواب پٺاڻ. راڻو عباسي ۽ ٻين خلاف ڪيس داخل ڪرايو ويو هو جنهن بعد هڪ ڀيرو ٻيهر وري مهراڻ وليج اندر ساڳين لينڊ مافيا جي ماڻهن جون سرگرميون شروع ٿي ويو آهن هن چيو ته مختيار ڪار اعجاز الحسن خان جيڪا اڳ ڪارروائي ڪئي اها قابل تعريف آهي پر ڪيس اها اپيل ڪندس ته لينڊ مافيا جو مڪمل قبضو ختم ڪرڻ لاءِ اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن سنڌي ماڻهو جيڪي مهراڻ وليج جي نالي کي اهميت ڏني لينڊ گريبرن هٿان ڦرجن پيا اهي بچي سگهن هن چيو ته ڊپٽي ڪمشنر اوير راجا طارق چانڊيو هڪ ايماندار آفيسر آهي جنهن کي پڻ گذارش ڪريان ٿو ته معاملي جو پاڻ جائزو وٺي غيرقانوني طور سرڪاري زمين هڙپ ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي هن وڌيڪ چيو ته اڳ آمنه سوسائٽي ۽ هينئر وري مهراڻ وليج جو نالو منسوب ڪري جعلسازي ذريعي ماڻهن کي اسٽيٽ ايجنٽن جي معرفت ڦريو پيو وڃي جيڪو عمل ڪنهن به صورت برداشت نه ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته جلد ٻيهر پريس ڪانفرنس ڪري لينڊ گريبرن کي وڌيڪ وائکو ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 07

خدابخش روانگي کان اڳ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن وڌيڪ چيو ته 70 سالن جي حڪومتن 28 هزار ارب ڊالرن جا قرض کنيا پر پي ٽي آءِ چئن سالن ۾ 20 هزار ارب ڊالرن جا قرض کڻي ويا ۽ ملڪ ڇڏي ويا پر اهي ماڻهو پوئتي ڇڏي ويا. 48 هزار ارب ڊالرن جو قرض هو. جنهن ملڪ کي ڊفالٽ جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيو هو. اسان ان کي وڏي مشڪل سان واپس آندو. ملڪ ۾ سيڙپڪاري جي ضرورت آهي. هن وقت ساڍا 3 ڪروڙ ماڻهو برساتن کان متاثر آهن. ماحوليات جي تبديليءَ سبب ٿيل نقصان جو ازالو ڪري ر

بقايا سنڌيار 08

ٽي ايل پي سنڌ جي ناظم اعلي صوفي يحيٰ خان, عبدالستار مروت, بابو جمن ڪٽي, اختر ڪڇي, حافظ اعجاز سومرو سميت ٻين صوبائي ۽ ضلعي اڳواڻن شرڪت ڪئي, جڏهن ته (ٽي ايل پي) پاران دڙو جي پنجاري پل چوڪ تي هڪ وڏو جلسو منعقد ڪيو ويو, جنهن ۾ دڙو ۽ ڀرپاسي کان آيل سوين ماڻهن شرڪت ڪئي, جلسي کي صوبائي ۽ ضلعي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ناموس رسالت لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. ايندڙ بلدياتي اليڪشن ۾ ڀرپور حصو وٺنداسين. جلسي ۾ ٽي ايل پي اڳواڻن حافظ اعجاز سومرو, منور علي لغاري, مولانا ڏٿي بخش جاڪرو, حافظ هدايت الله سومرو, مولانا منظور لغاري, حافظ مير مرتضيٰ ٻارڻ, بابو غلام مصطفيٰ ڪڇي, نياز ٻڪڪ, منور ميمڻ, فريد ميربحر, اسلم قريشي سميت سوين عاشق رسول وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن ته ٽي ايل پي جي صوبائي اڳواڻن ضلعي اڳواڻ اختر ڪڇي ميمڻ سان سندس امڙ جي وفات تي تعزيت ڪئي.

بقايا سنڌيار 09

صدر ضياءُ الحسن لنجار جي اڳواڻي ۾ لنجار هائوس تان سوين گاڏين جو قافلو ڳڙهي خدابخش روانو ٿي ويو جڏهن ته گاڏين کي پ پ جي جهنڊن سان سينگاريو ويو هو انهي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ضياءُ الحسن لنجار چيو ته محترمه بينظير ڀٽو ايشياءَ جي وڏي ۾ وڏي ليڊر هئي جنهن هميشه غريب مسڪين عوام ۽ پ پ ڪارڪنن لاءِ سوچيندي هئي هن چيو ته محترمه بينظير ڀٽو جان جي پرواهه نه ڪندي عوام لاءِ شهادت جو جام پيتو اڄ شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي ورسي ۾ اسان سون جي تعداد ۾ جيالا ڳڙهي خدابخش پهچي اهو ثبوت ڏينداسين ته اسان جو جيئڻ مرڻ پاڪستان پيپلزپارٽي سان آهي

بقايا سنڌيار 10

الدين شيخ. سسوا جي چيئرمين صدر الدين شيخ. مختيار ميتلو. انجمن اتحاد عباسيه جي مرڪزي اڳواڻ رئيس شاهنواز خان ڪلهوڙو. عارف جان عباسي. عامر علي عباسي. منور علي اعوان سميت ٻين ماڻهن تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي ۽ ڏک ونڊيو. جڏهن ته تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

بقايا سنڌيار 11

:اسلام ڪوٽ پريس ڪلب آڏو گوڙانو ڊيم جي متاثر ڳوٺاڻي پنهون ميگهواڙ پاران ڊيم ايريا ۾ آيل سروي زمين جو معاوضو نه ملڻ خلاف احتجاج ڪندي روينيو کاتي خلاف دانهيندي چيو آهي ته 2016ع ۾ منهنجي سروي نمبر 81 تي قبضو ڪري ڊيم جو ڪم شروع ڪيو ويو,ڪمپني واعدو ڪيو ته معاوضو ڏينداسين,اُن وقت منهنجو فصل به پيلايو ويو,هاڻي ٻني تي قبضي کي 7 سال گذري ويا آهن پر مون مسڪين کي هڪ روپيو به معاوضي جو ناهي مليو,منهنجي معاوضي واري رقم ۾ ڊي سي,اي سي ۽ مختيارڪار رڪاوٽ بڻيل آهن,هُو ڪاغذ دُرست ڪري اڳتي نه ٿا موڪلين,آئون ڊي سي سميت اي سي ۽ مختيارڪار آفيس جا چڪر کاتي کاتي ٿڪجي پيو آهي,ڪير به مونکي انسان تسليم نه ٿو ڪري,آفيس وڃان ٿو ته عملو ڌڪا ڏئي واپس موٽائي ڇڏي ٿو,هاڻي آئون اڄ کان پريس ڪلب آڏو احتجاج شروع ڪري رهيو آهيان,مون سان انصاف نه ٿيو ته پريس ڪلب آڏو پنهنجو پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيندس,جنهن جو ڪيس ڊي سي,اي سي ۽ مختيارڪار تي داخل ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 12

پريس ڪلب سرهاڙي پهچي احتجاج ڪندي تحفظ جي گهر ڪئي آهي ناري زرينا بي بي پنهنجي مڙس عبدالرزاق چاچڙ سان گڏجي نيشنل پريس ڪلب سرهاڙي ۾ بيان رڪارڊ ڪرائيندي چيو آهي ت اسان پنهنجي رضامندي ۽ پنهنجي رازا خوشي سان زندگي گذارڻ لاءِ ڏيڍ سال اڳ رحيم يارخان جي ڪورٽ ۾ پسند جي شادي ڪئي هئي, جنهن ڪانپوءِ ناري جا مائٽ اسان کي قتل ڪرڻ ۽ اغوا جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ اسان دربدري جي زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون ناري زرينا بي بي چيو ت منهنجا مائٽ منهنجي مڙس عبدالرزاق چاچڙ ۽ ان جي مائٽن مٿان ايس ايچ او اوباڙو ۽ ايس ايچ او گهوٽڪي کي رشوت ڏئي ڪوڙو اغوا جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي ۽ منهنجي مڙس عبدالرزاق چاچڙ جي مائٽن کي پريشرائيز ڪرڻ جون ڌمڪيون ۽ مختلف طريقن سان ڦاسائڻ جي ڪوششون ڪري رهيا آهن ۽ ڪوڙيون ايف آءِ آرون ڪري رهيا آهن جيڪي ڪوڙيون سمجهيون وڃن ۽ بهاولپور جي ڪورٽ ۾ منهنجي مڙس عبدالرزاق چاچڙ مٿان اغوا ۽ قتل ڪرڻ جي ڪوڙي پٽيشن داخل ڪرائي وئي آهي جيڪا ڪوڙي سمجهي وڃي. هنن هاءِ ڪورٽ سکر, هاءِ ڪورٽ, هاءِ ڪورٽ بهاولپور ۽ آءِ جي سنڌ آءِ جي پنجاب کان تحفظ جي گهر ۽ ڪوڙا ڪيس ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 13

ڪاميٽي جي ميمبرن اختر مشوري اسد علي جوبو سالار شيخ جي نگراني ۾ ٿي گذري جنهن ۾ صدر محمد اسلم شيخ, سينيئر نائب صدر عابد حسين ٻٻر, نائب صدر عمران حسن گاڏهي, جنرل سيڪريٽري اياز پرڙو, جوائنٽ سيڪريٽري سينگار چانڊيو, انفارميشن سيڪريٽري جاني نعيم شيخ, فنانس سيڪريٽري عرفان مشوري چونڊجي ويا چونڊيل باڊي کي ستي پريس ڪلب جي سٽ ۽ صحافي دوست شفيق الزمان لغاري برڪت علي چانڊيو آفتاب نائچ گلن جي ورڪا ڪئي, ۽ گلن جا هار پارايا ۽ ڍير ساريون مبارڪون ڏنيون جنهن بعد چونڊيل باڊي پاران سمورن دوستن جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا سنڌيار 14

شاهه بخاري , ضلعي اطلاعت سيڪريٽري ڊاڪٽر مير حسن ملاح , ميونسپل جي اڳوٽي چيئرمين سيد شاهنواز شاهه , پ پ ليڊيز ونگ جي صدر نصرت ميمڻ , جنرل سيڪريٽري نسرين مگٿهار , پ پ ستي جي صدر معشوق پٽي , جنرل سيڪريٽري محمد جمن ڪيهر , يوٿ ستي جي صدر عديل احمد پٽي , سپاف جي صدر تابش پٽي ۽ ٻين شهيد بينظير ڀٽو جي 15 هين ورسي جي موقعي تي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ چيو ته شهيد بينظير ڀٽو جي قرباني ملڪ قوم لاءِ عظيم سانحو آهي . جنهن جي قرباني سان ملڪ جي اندر جمهوريت جو قيام آهي . شهيد بينظير ڀٽو جا قاتل پنهنجي انجام تي پهچي رهيا آهن . شهيد بينظير ڀٽو جسماني طور اسان کان الڳ ٿي وئي آهي پر سندس نظريو اڄ به اسان لاءِ روشن راهه آهي . انهي موقعي تي ڪارڪنن شهيد بينظير ڀٽو جي تصوير آڏو 5 منٽ خاموشي سان پيٽا ڏني .

بقايا سنڌيار 15

اختياري نوٽس نه ورتو سرڪاري گدامن ۾ سرڪاري ريٽ تي ڪڻڪ جي فراهمي ۾ ڪمي سبب اٽي جو اگهه روزانو ڪلو تي 5 روپيه اضافو معمول بڻيل نئون ڪوٽ واري فوڊ گدام ۾ ڪڻڪ جو وڏو ذخيرو هئڻ باوجود عوام رليف کان محروم اوپن مارڪيٽ ۽ نجي ذخيرو ڪندڙ منافعي خور واپارين هٿرادو بحران پيدا ڪري ڪڻڪ 4 هزار ۾ وڪرو ڪرڻ لڳا جنهن سبب ڪڻڪ جي اٽي جو اگهه 5 هزار روپيه مڻ ٿي ويوحڪومت سنڌ طرفان سڄي سنڌ ۾ 11 سئو سستي اٽي جا مرڪز قائم ڪيل آهن پر نئون ڪوٽ شهر ۾ هڪ به سستي اٽي جو اسٽال نه آهي نئون ڪوٽ شهر کي عمرڪوٽ بدين ٿرپارڪر ضلعن جون ڀهراڙيون لڳن ٿيون هتان جي سياسي سماجي اڳواڻن جمال گرگيز ليبر مزدور اڳواڻ احمد گرگيز ۽ ٻين حڪومت سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته نئون ڪوٽ جي عوام لاءِ سستي اٽي جو سينٽر قائم ڪيو وڃي جيئن مزدور ۽ ليبر طبقي کي گهٽ ۾ گهٽ سستو اٽو ملي سگهي

بقايا سنڌيار 16

رڪندڙ شخصيتن پاران ايم اين اي سردار سڪندر علي راهپوٽو جو گلن سان شاندار استقبال ڪيو ويو ٻٻر برادري جي نيڪ مردن نظام الدين ٻٻر راشد علي ٻٻر شاهد علي ٻٻر اسد علي ٻٻر زاهد علي ٻٻر جاويد علي ٻٻر حبدار علي ٻٻر اظهر مولائي ٻٻر ۽ ٻين پاران سردار سڪندر علي راهپوٽو کي سنڌ جي سوڪڙي ٽوپي اجرڪ پارايو جتان هو ريلي جي صورت ۾ شهيد بينظير ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي ڳڙهي خدا بخش ڀٽو روانو ٿيو

بقايا سنڌيار 17

سندن ناشتي جو پروگرام رٽيل هو سکر ۾ وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه ڊاڪٽر نصر الله بلوچ جي رهائشگاهه تان ناشتو ڪرڻ بعد روانو شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي ۾ شرڪت لاءِ ڳڙهي خدابخش روانو ٿي ويو سيد ناصر شاهه. شرجيل انعام ميمڻ سميت ٻيا اڳواڻ به ساٿس گڏ موجود هئا

بقايا سنڌيار 18

ٽيون فيز هلي رهيو آهي ته ڪٿي مڪمل ٿي ويو آهي پر ضلعي خيرپور ۾ تعليمي آفيسرن جي لاپرواهي ۽ عدم دلچسپي سبب ڀرتي عمل صفا سلو هلي رهيو آهي. هنن چيو ته خيرپور جي تعلقي گمبٽ ۾ ٻئي فيز ۾ ريٽائر . پروموشنس، بند پيل اسڪول نه کولي اسان ويٽنگ اميدوارن ناانصافي ڪئي پئي وڃي. جنهن ڪري اڄ اسان شهيد راڻي جي مزار تي دانهن ڪئي پهتا آهيون. هنن وزير اعليٰ سنڌ. تعليم جي وزير سيد سردار شاهه ۽ سيڪريٽري اڪبر لغاري کان پرزور مطالبو ڪيو آهي اسان جا جائز مطالبا منظور ڪري آرڊر جاري ڪري بي چيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 19

ٻيو حافظ غلام قادر اوٺو جن کي ڳائي جي رسم سنڌ جي نالي واري مشهور ڪلاسيڪل راڳي استاد شفيع فقير پاران پنهنجي هٿن سان شاگرديءَ جو ڳانو ٻڌرائڻ جي رسم ۾ ٻنهي شاگردن کي استاد شفيع فقير ڳانو ٻڌرايو ويو . پروگرام ۾ سنڌ جي مشهور نالي وارن شاعرن اديبن شاهنواز خاصخيلي مجيب ماڇي غلام مصطفي پلي خميسو خان پند

ڏٿي بخش ڪلوئي سميت نالي وارن فنڪارن , شهرين , صحافين علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪلاسيڪل راڳي شفيع فقير صحافين اڳيان ميڊيا سان ويچار ونڊيندي چيو ت فنڪار لال بخش اسان جي دلين ۾ هن ڪي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي ا

بقايا سنڌيار 20

موجود سوين ڪارن, موٽر سائيڪلن هزارين ڪارڪنن جي شرڪت, نواب علي وساڻ جو خيرپور شهر جي مختلف هنڌن, خاڪي شاهه پل, چانڊيا موڙ, خانڻ شاهه,سول هاسپيٽل روڊ, ريلوي ڦاٽڪ ۽ ٻين هنڌن تي شاندار استقبال گلن جون پتيون نڇاور ڪيون ويون. ڪارڪنن پاران ڍهل وڄائي رقص ڪيو ويو شاندار ريلي کان مختلف هنڌن تي خطاب ڪندي نواب علي وساڻ چيو ته چيئرمئن بلاول ڀٽو زرداري هڪ بهادر, دلير اڳواڻ آهي جنهن ملڪ دشمنن کي منهن توڙ جواب ڏنو بلاول ڀٽو زرداري جنهن ناني جو نواسو , جنهن شهيد بي بي جو پٽ آهي جنهن هميشه دهشت گردن کي للڪاريو آهي. جڏهن ته نواب علي وساڻ چانڊيا موڙ تي شهيد بينظير بستي جو سنگ بنياد (پٿر) رکيو, نواب علي وساڻ رئيس آدم خان چانڊيو پاران ڪوٺايل عظيم الشان هڪ وڏي جلسي ۾ موجود جلسي گاهه ۾ موجود هزارين ڪارڪنن کي خطاب ڪندي چيو ته پارت جي وزير اعظم کي مخاطب ڪندي چيو ته مودي پنهنجي اوقات ۾ رهي ڪري ڳالهائي, چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اقوام متحده ۾ پنهنجي نانا شهيد ذلفقار علي ڀٽو وانگي ڪروڙين مسلمانن جي ترجماني ڪندي پارتي وزيراعظم کي پنهنجي اوقات ڏيکاري آهي, ڪشمير پاڪستان جي دل آهي ۽ هميشا رهندو, مودي ڪشمير کي فتح ڪرڻ جا خواب ڏسڻ ڇڏي ڏي, چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اقوام متحده ۾ پارت کي آئينو ڏيکاريو آهي, اسان کي فخر آهي اسان کي دلير, بهادر چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي شڪل ۾ مليو آهي, جيڪو سموري مسلم امت جي حقوق جي ڳالهه ڪري رهيو آهي, هن وڌيڪ چيو ته اڄ شهيد بينظير ڀٽو جي نالي سان منسوب شهيد بينظير بستي جو سنگي بنياد رکڻ منهنجي لاءِ وڏو اعزاز آهي, خيرپور ۾ 200 غريب خاندانن ۾ گهر تعمير ڪرائي ڏنا ويندا هِن وڌيڪ چيو ته اڳوٽي صدر آصف علي زرداري, چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري, فريال ٽالپر ۽ وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه جيڪو منهنجي مٿان اعتماد ڪيو آهي انشاءالله ان تي پوري ڪرڻ لهڻ جي پوري ڪوشش ڪندس. ان موقعي تي پريس ڪلب جو صدر خان محمد خان , سينئر صحافي غلام قادر سومرو , شاهد نواز سيال , پ پ پ اڳواڻن سيد فرمان علي شاهه, شازيه شاهه , نجيب الله ميمڻ , محمد نواز ميتلو غلام قادر چانڊيو , انجم عباسي , ثاقب صديقي , نواب خان سيال ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.....

بقايا سنڌيار 21

پچي سگريٽ, بسڪيٽ, روڪ رقم ۽ ٻيو سامان چوري ڪري کڻي ويا. جڏهن ته ويگن اسٽينڊ محلا ۾ دوڪاندار ضياءُ الله کهڙو جي دوڪان کي ڪاٽ هٽي فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ان سلسلي ۾ شهرين ۽ متاثر دوڪاندارن پاران ايس ايس پي خيرپور کان پرزور مطالبو ڪيو ويو آهي ته چورن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 22

انهن کي پنهنجي گهر جي زيارت ڪرائيندو آهي جيڪي سندس ٻندن جا حق ادا ڪندا آهن ڊاڪٽر خادم علي مگريو يقينن خوش نصيب آهي جنهن تي مالڪ سائين خصوصي نوازش ڪئي آهي شال سندس سفر بي خطر فرمائي ان موقعي تي سول سرجن DGهيلٿ جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته مون سڄي زندگي پنهنجي زميواريءَ جو احساس ڪندي غريب مريضن توڙي عام انسانن سان ڀلائي ڪئي آهي ۽ الله سائين پنهنجو لطف ۽ ڪرم ڪيو آهي اميد ته الله سائين پنهنجي گهر ڪعبت الله ۽ پنهنجي محبوب جي درجي زيارت نصيب فرمائيندو مان دوستن سميت سموري انسانذات لاءِ ڏٿيءَ درعاگو آهيان

بقايا سنڌيار 23

خطاب مولانا جعفر حسن شا ۽ پروفيسر ظريف منگريو سميت ٻين ڪيو ۽ مقامي نوحا خوان نوحا پڙهيا جلوس جي نگراني پيام ولايت, العجل اسڪائوٽ ۽ اصغريه اسڪائوٽ ڪئي

بقايا سنڌيار 24

گوپانگ ۽ جنرل سيڪريٽري اسد علي تنيو کي نئون ديرو هائوس ۾ طلب ڪري ساڻن ميٽنگ ڪئي ۽ تمام مسئلن کي حل ڪرائڻ جي پڻ خاطري ڪرائي, جڏهن ته ايم پي اي فريال ٽالپر صاحبه نيشنل اسيمبليءَ جي ميمبرن کي پابند ڪيو ته اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ ۽ اسٽينڊنگ ڪاميٽي ذريعي ملر صاحبان جي اهڙي معاملي کي ڪٽندا, جڏهن ت

فريال ٽالپر پاور اينرجي منسٽر خرم دستگير سان پن فون تي رابطو ڪري مسئلي بابت ٻڌايو. انهي بعد ايسوسيئيشن جي مرڪزي آفيس ۾ واپڊا لاڙڪاڻي جو ايس اِي لاڙڪاڻو عبدالغفار ماڪا, ايڪس سي اين شاهه محمد باجڪاڻي ۽ ايڪس سي اين خليل احمد چانڊيو پهتا, جتي ملرن سان هر معاملي تي ڀرپور ساٿ نڀائڻ جو وچن ڪيو. ان موقعي تي سنڌ بلوچستان رائيس ملرس اينڊ ٽريڊرس ايسوسيئيشن جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري اسد علي تنيو چيو ته اسين ايم پي اي فريال ٽالپر جا شڪر گذار آهيون, جن شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي جي مصروف ترين شيڊول مان وقت ڪڍي اسان جا معاملا ٻڌا ۽ مسئلن جي حل لاءِ خاص هدايتون جاري ڪيون. جڏهن ته اسين سي اي او سکر سعيد احمد ڏاوچ جا پڻ شڪر گذار آهيون. جن مڪمل تعاون ڪيو آهي. هوڏانهن اهڙي ميٽنگ بعد سي اي او سکر پاران نوٽيفڪيشن ڪڍيو ويو آهي ته تمام ملر صاحبان آخري تاريخ مطابق 26 ڊسمبر وارا بل 28 ڊسمبر تائين جمع ڪرائي سگهن ٿا.

بقايا سنڌيار 25

دين مفتي عبيد الله ڏاهري خطاب ڪندا. هن عظيم الشان اجتماع ۾ پير سيد ذوالفقار علي شاهه قادري, پير امام الدين, شفيق احمد اشرفي, پير عتيق الرحمٰن باقرائي . پير سيد نورالهدي شاهه, پير محمد بچل جيلاني ۽ شرڪت ڪندا. عرس مبارڪ ۾ قصيده برده شريف چادر پوشي نعت خواني ڪئي ويندي. ٻئي طرف عرس مبارڪ جون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن.

بقايا سنڌيار 26

صدر مولانا محمد عارف لنڊ نائب صدر سينيئر جناب مولانا سائين زاهد اسلم طاهري صاحب نائب صدر مولانا سائين برڪت علي لوهاچ صاحب جنرل سيڪريٽري مولانا مظهر علي برڙو طاهري صاحب جوائنٽ سيڪريٽري مولانا منير احمد راڄپر طاهري صاحب فنانس سيڪريٽري مولانا غلام حسين آلڪائي طاهري صاحب پريس سيڪريٽري مولانا حافظ مير محمد طاهري صاحب آڊيٽرحافظ علي نواز منگي طاهري صاحب آفيس سيڪريٽري مولانا محمد صديق بروهي طاهري صاحب معاون صدر حافظ محمد رياض طاهري صاحب معاون جنرل سيڪريٽري عبدالغفار منگي طاهري صاحب معاون فنانس سيڪريٽري حافظ محمد بلاول طاهري صاحب اطلاعات سيڪريٽري مولانا سائين سيد سڪندر علي شاهه طاهري صاحب جن کي 2023جي سال جي لاءِ مقرر ڪيو ويو جيڪي جنوري کان پنهنجي عهدن طي تنظيم جو ڪم ڪرڻ شروع ڪندا

بقايا سنڌيار 27

جلوس ڪڍيو ويو ماتمي جلوس ۾ شيعا علماء ڪائونسل جي تعلقي صدر مولانا محب علي منوري, محسن علي علي شير مهدي رضا ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي جلوس ۾ شامل ٻارڙا لبيڪ يا زهراسه لبيڪ يا مهدي جي صدا بلند ڪري رهيا هئا ان موقعي تي مولانا محب علي منوري ڳالهائيندي چيو ته اڄ ان عظيم پاڪ بيبي جي شهادت آهي جنهن جي ڪري پاڻ ٻنهي جهانن جا سردار, محبوب ڪبريا, خاتم الانبياء حضرت محمد مصطفي جن فرمايو آهي ته جنهن به منهنجي نياڻي کي رنجايو ان شخص مون کي رنجايو ۽ خدا کي رنجايو جنهن شخص ان کي تڪليف ڏني جڻ مون کي ۽ منهنجي رب کي تڪليف ڏني جڏهن بيبي طاهره گهر ۾ داخل ٿيندي هئي ته پاڻ سڳورا تعظيم خاطر اٿي بيهندا هئا جڏهن پاڻ نياڻي جي گهر ايندا هئا ته دروازو کڙڪائي موڪل وٺي گهر جي اندر داخل ٿيندا هئا پرافسوس ايڏي عظمتن واري ۽ جنت جي سردارن جي امڙ کي بابا جي رحلت کان پوءِ مسلمانن ڏاڍيون تڪليفون ڏنيون, نبي پاڪ جا سپ قول وساري ان جي در تي باهه ڪئي آيا ڪيترين صديون گذرڻ باوجود اڄ به ان پاڪ سائڻ تي ظلم و بربريت جاري آهي جو آل سعود نه ان جي قبر تي سلام ڪرڻ ڏئي ٿي نه ئي سندن مزار ٺاهڻ ڏئي ٿي سندن آخري آرامگاهه اڄ به نتهڻ اس تي آهي

بقايا سنڌيار 28

سانحو ٿيو, سياست ڪندن جي سيج آهي اسان نيائي رهيا آهيون. هنن چيو ته عمران خان پنهنجي لالچ سبب مُلڪ کي ڊيفالٽ طرف وٺي وڃي رهيو آهي عمران خان کي نه هٽايون ها ته سري لنڪا جيان ڊيفالٽ ڪري ڇڏي ها. پي ٽي آءِ کي استعيفي ڏيڻي آهي ته ڪنهن روڪيو آهي هنن چيو ته انهن جا ميمبر استعيفي ڏئي پوءِ اسپيڪر جي پيرن ۾ ڪرن ٿا ته اسان جي پگهار ۽ مراعتون نه ڪٽيون وڃن, هنن چيو ته ڪي پي حڪومت دهشتگردن اڳيان پئي رهي آهي هنن سان منهن نه ٿي ڏئي سگهي مُلڪ جي بقا خاطر اسان پي ڊي ايم جو ساٿ ڏئي نالائق حڪومت جو خاتمو ڪيو سنده ۾ بدامني جي ڳالهه ڪرڻ وارا ٻين صوبن جي حالت به سامهون رکن. هوڏانهن اڳوٽي سينيٽ پيپلز پارٽي اڳواڻ رضا رباني ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ايندڙ

اليڪشن اڪيلي وڙهنا آهن يا پي ڊي ايم جي اتحاد سان ملي ڪري هن جو فيصلو پارٽي قيادت ڪندي, 27 ڊسمبر مُلڪ جي تارخ جو ڪارو ڏينهن آهي بينظير زنده هجي ها ته مُلڪ جي هي صورتحال نه هجي ها جيڪا اڄ آهي بينظير ڀٽو ڪراچي کان خيبر ۽ لاهور کان ڪوئيٽه قوم کي گڏ ڪيو. بينظير ڀٽو هميشا مُلڪ جي سمورن طبقن کي گڏ ڪٺي هلي ۽ ڪڏهن تقسيم جي سياست نه ڪئي ان جي پاليسي جي اڄ مُلڪ ۽ قوم کي ضرورت آهي, هن چيو ته بلاول ڀٽو جي مودي خلاف بيان کي پوري دنيا ۾ پذيرائي ملي آهي مودي پارت ۾ مسلم اقليت جي قتل عام جي پاليسي هلائي رهيو آهي, آءِ ايم جي شرط ڪا نئين ڳالهه نه آهي بين القوامي مالياتي سامراج هميشا ترقي پذير مُلڪن کي غلام بڻائي رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 29

سيڪريٽري اظهر علي ميراڻي, خزانچي الطاف حسن ککراڻي, آفيس سيڪريٽري قادرداد مهر, ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ميمبر محبوب علي ديناري ۽ مشتاق احمد سولنگي آڊيٽر اي ڊي ابڙو بنا مقابلي چونڊجي ويا جنهن بعد متفقه طور رانا خليل احمد راڄپوت کي سرپرست چونڊيو ويو. تعلقه بار ايسوسيئيشن جي صدر سئنير ايڊووڪيٽ زاهد ميمڻ نون چونڊيل عهديدارن کي واڌايون ڏيندي گلن جا هار پارايا.

بقايا سنڌيار 30

ٿو ۽ شڪارپور سميت پوري پاڪستان جي ماڻهن طرفان ڀرپور سلام پيش ڪيا ٿو. هن چيو ته هن وقت اندروني سنڌ ۾ اهڙي ڪابه پارٽي ڪونهي جيڪا پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان مقابلو ڪري سگهي. ايندڙ اليڪشن ۾ پي ٽي آءِ کي اميدوار به نه ملندا. باقي ڪراچيءَ ۾ ٻين پارٽين سان مقابلو ڪنداسين ۽ اتي به سوپ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي حاصل ٿيندي. صوبائي وزير انرجي امتياز احمد شيخ چيو ته ڪراچي ۽ حيدرآباد ڊويزن ۾ بلدياتي اليڪشن جي دير ٿيڻ جو سبب تڪبندين ۽ پوليس فورس جي گهٽ هجڻ جو مسئلو هيو ۽ اجان ڪجھ دير ٿيڻ جو اندازو آهي چاڪاڻ ته سنڌ حڪومت جي پوري انتظاميه مشينري ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سياسي قيادت موجوده برساتي ٻوڏ سبب ٿيل تباهڪاري کي منهن ڏيڻ ۽ متاثرن کي ريهبليٽيٽ ڪرڻ ۾ مصروف رهي آهي. شڪارپور ۾ وڌندڙ بدامنيءَ جي صورتحال تي ايس ايس پي شڪارپور سان گڏجاڻي رکيل آهي ۽ اميد آهي ته امن امان جي صورتحال بهتر ٿيندي. عمران خان يوٽرن وٺڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ جو ماهر آهي ان جي مٿان توشاخانه وارو سڌو سنئون ڪيس بيٺو آهي, هو 4 سال حڪومت باوجود ڪنهن هڪ ماڻهو تي به ڪو ڪيس ثابت نه ڪري سگهيو.

بقايا سنڌيار 31

ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ۽ ڪيس ڊي ايم سي ايسٽ جو ايڊمنسٽريٽر مقرر ٿيڻ تي مبارڪباد ڏني. بلتستان جي روايتي ٽوپي پيش ڪئي.ان موقعي تي گلگت بلتستان جي اڳوٽي آءِ ٽي وزير چيو ته سيد شڪيل احمد هڪ مڪمل اهل آفيسر آهي, سندس دور ۾ ڊي ايم سي ايسٽ بهتري طرف وڌندو هن سيد شڪيل احمد لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو.ان موقعي تي ايڊمنسٽريٽر سيد شڪيل احمد اڳوٽي آءِ ٽي واري وزير کي پليڪار ڪيو ۽ سندس اچڻ تي شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته حسين شاهه پنهنجي وزارت دوران گلگت, بلتستان کي آئي ٽي ٽيڪنالاجي جي بهتري طرف وٺي وڃڻ لاءِ اهم ڪم ڪيا, هن چيو ته ڊي ايم سي ايسٽ ۾ مقرري ڪانپوءِ هن جي ڪوشش آهي ته اوير ضلعي جي بهتري لاءِ هر ممڪن ڪم ڪيو وڃي.ان موقعي تي بلديه اوير جا آفيسر ارشاد ظفير, توقير عباس, نويد ڪولاچي ۽ رائو شمشاد پڻ موجود رها

بقايا سنڌيار 32

سولنگي جنرل سيڪريٽري محمد الياس حاجاڻو جوائنٽ سيڪريٽري جميل احمد دل جوائنٽ سيڪريٽري فيميل مس نغمه مهر فنانس سيڪريٽري سجاد حسين ميراڻي پريس سيڪريٽري آصف علي ڊڪڻ آفيس سيڪريٽري سليم الله جوڻيجو اسلم ملاڻو منتخب ڪيا ويا ان تقريب کي خطاب ڪندي گستا جي مرڪزي اڳواڻ مرحوم بچل ابڙو چيو ته ضلع شڪارپور ۾ پئنائي پينل جي ڪامياب عهديدارن کي لک لک مبارڪون اسانجو مقصد ڀهريون تعليم پوءِ تنظيم آهي جنهن ۾ ڀهريائين استاد ڪلاس ۾ پڙهائي ۽ ۽ پاڻ کي استاد تسليم ڪريئي ان ڪانپوءِ استادن جو اڳواڻ ٿي سگهي ٿو

بقايا سنڌيار 33

هڪ مهيني کان سلطانپور ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ بد امني چوٽ چڙهي وئي آهي هڪ مهيني ۾ 15 کان وڌيڪ چوريون ٿي چڪيون آهن پوليس اگهور ننڊ ستل آهي ايس ايچ او ڌوهارين آڏو بيوس بڻيل آهي مقامي پوليس اهلڪار سياسي ماڻهن جا ونگارو بڻيل آهن ٿاڻي جي اڌ کان وڌيڪ نفري وڏيرن ۽ سياسي ڪارڪنن جي بنگلن تي مقرر ٿيل آهي ضلعي جي وڏي حد واري ٿاڻي تي پوليس جي نفري تمام گهٽ آهي هنن آءِ جي سنڌ,ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو ته سلطانپور ڪينٽ ٿاڻي ۾ پوليس جي نفري وڌيڪ مقرر ڪئي وڃي ۽ امن امان بحال ڪيو وڃي مظاهرين پاران ڪينٽ پوليس جي ناڪارا ڪارڪردگي خلاف پڻ سخت نعريبازي ڪئي وئي

بقايا سنڌيار 34

جي ٽيم ڪاميابي حاصل ڪري ورتي ان موقعي تي ٽورنامينٽ جي مهمان خاص سماجي اڳواڻ رمضان ناٿا گرائونڊ ۾ شرڪت ڪري ڪاميابي حاصل ڪندڙ ٽيم ۽ ٻئي نمبر تي ايندڙ ٽيم وچ ۾ ڪيش انعام ۽ اعزازي شيلڊ ڏنا ۽ موقعي تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي هن چيو ته صحت مند معاشري جي لاءِ نوجوانن کي اهڙا موقعا فراهم ڪرڻ جي هن وقت اشد ضرورت آهي ان سلسلي ۾ اسان هميشه اڳڀرا رهيا آهيون ۽ اڳتي به انشا ءَالله نوجوانن جي حوصلا افزائي لاءِ اهڙا موقعا فراهم ڪندا رهنداسين نوجوانن جيان ٻارن جي وچ ۾ به اهڙا راندين جا موقعا فراهم ڪرڻگهرجن ته جئين اسانجو ايندڙ نسل سماجي براين ۽ نشي جي لعنت کان بچي ڪري صحت مند معاشري طرف اچيهن وڌيڪ چيو ته جنهن شهر جا گرائونڊ آباد هجن ٿا ان شهر جون اسپتالون ويران رهن ٿيون آءِ ٽورنامنٽ آرگنائزرن سميت ٽورنامنٽ ۾ حصو وٺندڙ سڀني ٽيمن جي نوجوانن کي مبارڪباد ڏيان ٿو جن اهڙو بهترين ٽورنا منٽ هن سال به ڪاميابي سان ڪرايو آهي ان موقعي تي مهمان طور گرائونڊ ۾ وينل لعل شهباز ٽرسٽ سيوهڻ جي چئرمين ڪامريڊ اڪبر ملاح صفدر نجفي طارق ميمڻ سيد الطاف شاهه ايم ابراهيم ملاح وڏيرو نعيم سولنگي وڏيرو عمران سولنگي ڪامريڊ نثار سولنگي صحافي ماجد علي قريشي ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا سنڌيار 35

ٽي ايل پي سنڌ جي ناظم اعلي صوفي يحيٰ خان, عبدالستار مروت, بابو جمن ڪٽي, اختر ڪڇي, حافظ اعجاز سومرو سميت ٻين صوبائي ۽ ضلعي اڳواڻن شرڪت ڪئي, جڏهن ته (ٽي ايل پي) پاران دڙو جي پنجاري پل چوڪ تي هڪ وڏو جلسو منعقد ڪيو ويو, جنهن ۾ دڙو ۽ ڀرپاسي کان آيل سوين ماڻهن شرڪت ڪئي, جلسي کي صوبائي ۽ ضلعي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ناموس رسالت لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. ايندڙ بلدياتي اليڪشن ۾ ڀرپور حصو وٺنداسين. جلسي ۾ ٽي ايل پي اڳواڻن حافظ اعجاز سومرو, منور علي لغاري, مولانا ڏٿي بخش جاڪرو, حافظ هدايت الله سومرو, مولانا منظور لغاري, حافظ مير مرتضيٰ ٻارڻ, بابو غلام مصطفيٰ ڪڇي, نياز ٻڪڪ, منور ميمڻ, فريد ميربحر, اسلم قريشي سميت سوين عاشق رسول وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن ته ٽي ايل پي جي صوبائي اڳواڻن ضلعي اڳواڻ اختر ڪڇي ميمڻ سان سندس امڙ جي وفات تي تعزيت ڪئي.

بقايا سنڌيار 36

سانحو ٿيو سياست ڪندن جي سيج آهي اسان نيائي رهيا آهيون. هنن چيو ته عمران خان پنهنجي لالچ سبب مُلڪ کي ڊيفالٽ طرف وٺي وڃي رهيو آهي عمران خان کي نه هٽايون ها ته سري لنڪا جيان ڊيفالٽ ڪري ڇڏي ها. پي ٽي آءِ کي استعيفي ڏيڻي آهي ته ڪنهن روڪيو آهي هنن چيو ته انهن جا ميمبر استعيفي ڏئي پوءِ اسپيڪر جي پيرن ۾ ڪرن ٿا ته اسان جي پگهار ۽ مراعتون نه ڪٽيون وڃن, هنن چيو ته ڪي پي حڪومت دهشتگردن اڳيان پئي رهي آهي هنن سان منهن نه ٿي ڏئي سگهي مُلڪ جي بقا خاطر اسان پي ڊي ايم جو ساٿ ڏئي نالائق حڪومت جو خاتمو ڪيو سنده ۾ بدامني جي ڳالهه ڪرڻ وارا ٻين صوبن جي حالت به سامهون رکن. هوڏانهن اڳوٽي سينيٽ پيپلز پارٽي اڳواڻ رضا رباني ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ايندڙ اليڪشن اڪيلي وڙهنا آهن يا پي ڊي ايم جي اتحاد سان ملي ڪري هن جو فيصلو پارٽي قيادت ڪندي, 27 ڊسمبر مُلڪ جي تارخ جو ڪارو ڏينهن آهي بينظير زنده هجي ها ته مُلڪ جي هي صورتحال نه هجي ها جيڪا اڄ آهي بينظير ڀٽو ڪراچي کان خيبر ۽ لاهور کان ڪوئيٽه قوم کي گڏ ڪيو. بينظير ڀٽو هميشا مُلڪ جي سمورن طبقن کي گڏ ڪٺي هلي ۽ ڪڏهن تقسيم جي سياست نه ڪئي ان جي پاليسي جي اڄ مُلڪ ۽ قوم کي ضرورت آهي, هن چيو ته بلاول ڀٽو جي مودي خلاف بيان کي پوري دنيا ۾ پذيرائي ملي آهي مودي پارت ۾ مسلم اقليت جي قتل عام جي پاليسي هلائي رهيو آهي, آءِ ايم جي شرط ڪا نئين ڳالهه نه آهي بين القوامي مالياتي سامراج هميشا ترقي پذير مُلڪن کي غلام بڻائي رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.